REG NO. 3833

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) سومر 25 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 11 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 209

ايبٽ آباد: شارٽ سرڪٽ سبب گھر کي باھ لڳي وئي، هڪئي خاندان جا 9 ڄڻا سڙي فوت

ايبٽ آباد ضلعي جي علائقي قلندر آباد جي ڳوٺ ترتھيڙي واري هنڌ گھر ۾ شارٽ سرڪٽ سبب خوفناڪ باھ لڳي وئي جنھن جي نتيجي ۾ گھر جي ڇت پٽ پئجي وئي

ملبي هيٺيان دٻيل هڪئي خاندان جا 9 ڄڻا فوت ٿي ويا، مقامي ماڻھن پنھنجي مدد پاڻ جي تحت باھ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر گھر ڪچو هجڻ سبب باھ تي ڪنٽرول نہ ٿي سگھيو : ريسڪيو اختيارين

واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪارن واقعي واري هنڌ پھچي امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون ، ملبي هيٺيان دٻيل لاشن کي ڪڍيو ويو

باھ لڳڻ سبب ذاڪر عباسي جو پورو گھر سڙي خاڪ ٿي ويو، جڏهن تہ خاندان جا ماڻھو سڙي فوت ٿي ويا : پوليس اختيارين

گھر ۾ باھ لڳڻ سبب نگينہ بيگم زال محمد ذاڪر ۽ سندس 4 ٻار ۽ 4 ٻارڙيون فوت ٿي ويون، فوت ٿيل خاندان جو سربراھ ذاڪر عباسي روزگار جي سلسلي ۾ ڪراچي ۾ ترسيل آهي : مقامي ڪائونسلر خاقان عباسي

ايبٽ آباد(م ر) قلندر آباد جي علائقي ۾ گھر ۾ باھ لڳڻ سبب هڪئي خاندان جا 9 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا آهن.ايبٽ آباد ضلعي جي علائقي قلندر آباد جي ڳوٺ ترتھيڙي واري هنڌ گھر ۾ شارٽ سرڪٽ سبب خوفناڪ باھ لڳي وئي جنھن جي نتيجي ۾ گھر جي ڇت پٽ پئجي وئي، ريسڪيو اختيارين موجب ملبي هيٺيان دٻيل هڪ ئي خاندان جا 9 ڄڻا فوت ٿي ويا. ذريعن موجب مقامي ماڻھن پنھنجي مدد پاڻ جي تحت باھ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر گھر ڪچو هجڻ سبب باھ تي ڪنٽرول نہ ٿي سگھيو.واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪارن واقعي واري هنڌ پھچي امدادي ڪارروايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ايبٽ آباد: ريسڪيو ذريعي باھ ۾ سڙي ويلن جا لاش ڪڍيا پيا وڃن

عام چونڊون 2024: نوازشريف ۽ ياسمين راشد اين اي 130 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (م ر) اليڪشن 2024 جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو مشڪل مرحلو مڪمل ٿي ريو آهي. سياڻي 25 ڊسمبر کان نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني جو عمل شروع ٿيندو جيڪو 31 ڊسمبر تائين جاري رهندو، مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سائفر ڪيس جي جوڊيشل انڪوائري ڪئي وڃي، عمران خان کي رليف ملندي نظر نہ پيو اچي: بلاول ڀٽو

اسان پنھنجن مخالفن سان اهڙو سلوڪ نٿا چاهيون پر سائفر اهم سنجيده ڪيس آهي جنھن جي پوري جاچ ٿيڻ گھرجي. اها قومي سلامتي جي ڳڇڙي آهي

عمران خان کي ڏنل سائفر جو ڪوبہ رڪاڊ نہ آهي، هن پاڻ چيو تہ گم ٿي ويو آهي. ان جي گرفتاري واري ڏينھن اهو عالمي ميڊيا ۾ ليڪ ٿي ويو

عدالت انهي ڪيس کي سنجيدگي سان وٺي. حڪومت جاچ ڪري يا ججز جوڊيشل انڪوائري ڪن تہ سائفر جي پٺيان اصل ڪھاڻي کھڙي آهي

پهريان ميان صاحب جو نعرو هو تہ مون کي ڇو ڪڍيو. هاڻ چونڊن ۾ ان جو نعرو هوندو مون کي ڇو گھرايو؟

اسان جو مقابلو معاشي بحران ۽ مهانگائي جي طوفان سان آهي. حڪومت ٺاهڻ جو موقعو مليو تہ ملڪ جي نوجوانن کي رليف ڏينداسين : لاڙڪاڻي ۾ صحافين سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ عمران خان کي رليف ملندي نظر نہ پيو اچي.بلاول ڀٽو زرداري لاڙڪاڻي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو تہ پي ٽي آءِ باني عمران خان کي رليف ملندي نظر نہ پيو اچي. پيپلز پارٽي سياسي انتقام تي يقين نٿي رکي. اسان پنھنجن مخالفن سان اهڙو سلوڪ نٿا چاهيون پر سائفر اهم سنجيده ڪيس آهي جنھن جي پوري جاچ ٿيڻ گھرجي. اها قومي سلامتي جي ڳڇڙي آهي. بلاول ڀٽو چيو تہ عمران خان کي ڏنل سائفر جو ڪوبہ رڪاڊ نہ آهي. هن پاڻ چيو تہ گم ٿي ويو آهي. ان جي گرفتاري واري ڏينھن اهو عالمي ميڊيا ۾ ليڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاڙڪاڻو: پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو آخري ڏينھن: نوازشريف ۽ خالد مقبول بہ ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي اين اي 150 ملتان تان بہ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

اين اي 150 تان زين قريشي ۽ مهربانو قريشي بہ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

لاهور(م ر) ايندڙ سال 8 فيبروري تي چونڊ شيڊول جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو اڄ آخري ڏينھن آهي. ڪراچي کان وٺي خيبر تائين سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ آزاد اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ اميدوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سپريم ڪورٽ جي ججز ۽ سندن گھرڀاتين جي ڪردار ڪشي ۾ سياسي پارٽين سان جڙيل اڪائونٽ ملوث نڪتا

ججز جي گھروارن جي ايئرپورٽس تي چيڪنگ بابت پراڻي خط کي منصوبہ بندي سان استعمال ڪيو ويو : جاچ ادارن جي رپورٽ

ايوي ايشن ڊويزن جو 12 آڪٽوبر تي خط 60 ڏينھن کان پوءِ سياسي پارٽي سان جڙيل اڪائونٽ تان پوسٽ ٿيو

عمر محمود حيات جي اڪائونٽ مان 16 ڊسمبر رات 11 لڳي 39 منٽن تي ايوي ايشن جو خط پوسٽ ٿيو

اسلام آباد(م ر) وفاقي جاچ ادارن چيف جسٽس پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ جي ججز خلاف سوشل ميڊيا تي ڪردار ڪشي جي جاچ مڪمل ڪري ورتي آهي.جاچ ادارن جي رپورٽ ۾ اها ڳالھ سامهون آئي آهي تہ سپريم ڪورٽ جي ججز خلاف مهم ۾ سياسي پارٽين سان جڙيل اڪائونٽ ملوث آهن ججز جي گھر وارين جي ايئرپورٽس تي چيڪنگ بابت پراڻي خط کي منصوبہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پرويزالاهي، مولانا فضل الرحمان ۽ بلاول ڀٽو نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي ۽ سندس گھرواري قيصره الاهي اين اي 64 ۽ پي پي 32 تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

مولانا فضل الرحمان اين اي 44 تان چونڊن ۾ حصو وٺندو، مولانا سعد محمود اين اي 44 تي مولانا فضل الرحمان جو ڪورنگ اميدوار هوندو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بہ ريٽرننگ آفيسر محسن علي شيخ وٽ اين اي 196 قمبر شهدادڪوٽ 1 لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (م ر) عام چونڊون 2024 ۾ اميدوار جي طور تي حصو وٺڻ لاءِ چوڌري پرويز الاهي، مولانا فضل الرحمان ۽ بلاول ڀٽو زرداري مختلف تڪن تان پنھنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران وڏو وزير پنجاب محسن نقوي ملاقات ڪندي

خواجہ آصف عثمان ڊار جي والده طرفان لڳايل الزامن تي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

معزز جج جي جمعي جي ڏينھن عدالتي ريمارڪس ميڊيا طرفان رپورٽ ڪيا ويا : خواجہ آصف

انصاف جي گھرج آهي تہ سيالڪوٽ واقعي جي انڪوائري جو حڪم ڏنو وڃي

جيڪڏهن شهباز شريف ڪراچي مان چونڊ وڙهي رهيو آهي تہ سٺي ڳالھ آهي

لاهور (م ر) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينيئر اڳواڻ خواجہ آصف عثمان ڊار جي والده جي الزامن تي جاچ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پنھنجي هڪ انٽرويو ۾ خواجہ آصف چيو تہ معزز جج جي جمعي جي ڏينھن عدالتي ريمارڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مسلم ليگ(ن) جو سينيئر اڳواڻ خواجہ آصف

نوازشريف پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو لاڏلو آهي: احسن اقبال

سيٽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ اتحادين ۽ هم خيال گروپن سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون

مضبوط ۽ مناسب اميدوارن جي گروپن سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪئي ويندي

نوازشريف هميشہ عوام جو درد محسوس ڪيو، نوازشريف ملڪ ۽ عوام جي ترقي لاءِ ڪم ڪيو

نارووال: مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ احسن اقبال ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نارووال(مانيٽرنگ ڊيسڪ)پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ احسن اقبال جوچوڻ آهي تہ هو سيٽ ايڊجسٽمينٽ لاءِ اتحادين ۽ هم خيال گروپن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

شاھ محمود جا اين اي 150 تان بہ نامزدگي ڪاغذ جمع

ملتان (م ر) اين اي 150 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاھ محمود قريشي جا نامزدگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پيپلز پارٽي ارباب عالمگير ۽ عاصمہ عالمگير کي پرچائي ورتو

ارباب عالمگير قومي ۽ سندس پٽ خيبرپختونخواھ جي سيٽ تان چونڊن ۾ حصو وٺندا

پيپلز پارٽي جي طرفان عورتن جي مخصوص سيٽ عاصمہ عالمگير کي ملندي

پشاور(م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي خيبرپختونخواھ جي صدر محمد علي شاھ باچا ارباب عالمگير ۽ عاصمہ عالمگير کي پرچائي ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عام چونڊون: ٽڪ ٽاڪر صندل خٽڪ بہ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

صندل خٽڪ خيبرپختونخواھ تان عورتن جي مخصوص سيٽ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

عورتن کي بااختيار بنائڻ منھنجو مقصد هوندو : صندل خٽڪ

پشاور (م ر) مشھور ٽڪ ٽاڪر صندل خٽڪ بہ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ چونڊ ميدان ۾ انٽري ڏئي ڇڏي. هن خيبرپختونخواھ تان عورتن جي مخصوص سيٽ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن.نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ ۾ مداخلت: صوبائي اليڪشن ڪمشنر جو آءِ جي پنجاب کي فون

ريٽرننگ آفيسرن جي ڪم ۾ مداخلت ڪنھن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي : صوبائي اليڪشن ڪمشنر

اليڪشن ڪميشن کي شفاف چونڊون ڪرائڻ جي لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ ڏيڻي آهي

پوليس ڪنھن بہ اميدوار کي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ کان روڪيو تہ ڪارروائي ڪئي ويندي

پنجاب جو صوبائي اليڪشن ڪمشنر

لاهور(م ر) پنجاب ۾ اميدوارن کان نامزدگي ڪاغذ ڦرڻ ۽ پوليس جي مداخلت تي صوبائي اليڪشن ڪمشنر آءِ جي پنجاب سان ٽيليفون تي رابطو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ميانوالي مان پي ٽي آءِ باني جا نامزدگي ڪاغذ ٻيون ڀيرو جمع ڪرايا ويا

حالتون سنگين هجڻ سبب ٻيون ڀيرو عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن : بلال عمر بودلا

توشہ خانہ ڪيس جو فيصلو بہ معطل ٿيندو ۽ پي ٽي آءِ باني بہ چونڊن ۾ حصو وٺندو

لاهور(م ر) ميانوالي مان قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ ٻيون ڀيرو جمع ڪرايا ويا آهن. بيرسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

”ڪيرب لاپتا ناهي، اسلام آباد مارچ دهشتگردن جي سهولتڪاري لاءِ هو“ جان اڇڪزئي

تربت کان ڪوئيٽا ۽ بعد ۾ ڪوئيٽا کان اسلام آباد لانگ مارچ هڪ منصوبي تحت ڪيو ويو

بلوچستان ۾ نسلي تعصب جي ڪري ماڻھن کي ماريو پيو وڃي پر ڪو آواز نٿو اٿاري، بلوچستان مان ڪو بہ گم ناهي

لانگ مارچ ۾ شريڪ جن ماڻھن جا نالا ڪنيا پيا وڃن، اهي پابندي مڙهيل تنظيمن جي ڪئمپن ۾ آهن يا پارٽ ۾ تربيت وٺي رهيا آهن

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان جي نگران سنڌ سماءَ واري وزيرجان اڇڪزئي دعويٰ ڪئي آهي تہ بلوچستان مان ڪير بہ گم ناهي، جڏهن تہ اسلام آباد ڊاڻهن لانگ مارچ دهشتگردن جي سهولت لاءِ هو ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جان اڇڪزئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪوئيٽا: بلوچستان جو نگران سنڌ سماءَ واري وزيرجان اڇڪزئي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

بلوچن تي تشدد خلاف صحافي محمد حنيف ”ستارا امتياز“ واپس ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(م ر) ناليواري صحافي ۽ ليکڪ محمد حنيف بلوچن تي تشدد خلاف احتجاج طور ستارا امتياز واپس ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. محمد حنيف سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تي هڪ وڊيو شيئر ڪندي ستاره امتياز جي واپسي جو اعلان ڪيو هن چيو تہ هو بلوچن تي تشدد خلاف احتجاج طور ايوارڊ واپس ڪري رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

غزه ۾ جنگ بندي جي چاٻي آمريڪا وٽ آهي: ايمنسٽي انٽرنيشنل

عالمي قانون جون ڀڃڪڙيون صرف آمريڪا ئي روڪي سگھي ٿو

غزه ۾ انساني امداد جي فراهمي ۾ بنا ڪنھن رنڊڪ جي جاري رهڻ گھرجي

ڪراچي (م ر) ايمنسٽي انٽرنيشنل چيو آهي تہ غزه ۾ جنگ بندي جي چاٻي امريڪا وٽ آهي، پنھنجي بيان ۾ ايمنسٽي انٽرنيشنل جو چوڻ آهي تہ غزه ۾ جاري قتل عام ۽ عالمي قانون جون ڀڃڪڙيون صرف امريڪا ئي روڪي سگھي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جي يو آءِ ۽ بي اين پي ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ ٿي وئي

پي بي 18 تان بي اين پي جي يو آءِ جي حمايت ڪندي

پي بي 19 تان بي اين پي جي يو آءِ جي حمايت ڪندي

خضدار(م ر) جمعيت علماء اسلام (ف) عام چونڊن لاءِ بي اين پي سربراھ اختر مينگل کي پنھنجو اميدوار بٺائي ورتو سردار اختر مينگل ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسان کي جلسن جي اجازت نہ پئي ملي: آفاق احمد

حڪومتي پارٽين لاءِ ميدان خالي نہ ڇڏينداسين

ڪورنگي ضلعي جي سمورن سيٽن تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن

مهاجر قومي موومينٽ چيئرمين آفاق احمد

ڪراچي(رپورٽر) مهاجر قومي موومينٽ جي چيئرمين آفاق احمد جوچوڻ آهي تہ جلس جي اجازت ناهي ملي رهي، حڪومتي پارٽين لاءِ ميدان خالي نہ ڇڏينداسين.مهاجر قومي موومينٽ جي سربراھ آفاق احمد ڪراچي پريس ڪلب ۾ صحافين سان ملاقات ڪئي ۽ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري لاءِ علامتي بک هڙتال ۾ پڻ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي آفاق احمد چيو تہ ڪورنگي ضلعي جي سمورن سيٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صنعت ۽ روزگار جو فروغ، مهمند ۾ اڪنامڪ زون جو قيام

خيبرپختونخواھ حڪومت صوبي ۾ معاشي ترقي لاءِ 17 صنعتي يونٽ قائم ڪيا

350 ايڪڙ ايراضي تي محيط مهمند اڪنامڪ زون قائم ڪيو ويو

ڪوئيٽا (م ر) خيبرپختونخواھ حڪومت صوبي ۾ معاشي ترقي لاءِ 17 صنعتي يونٽ قائم ڪيا آهن، جن مان هڪ ضلعي مهمند ۾ قائم ڪيو ويو آهي، جتي صنعتي سرگرميون شروع ٿي ويون آهن ۽ سوين ماڻھن کي روزگار جا موقعا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪجھ جماعتون 18 واري پليئنگ فيلڊ گھرن پيون: آفتاب شيرپائو

2018ع ۾ جيڪا ليول پليئنگ فيلڊ ملي هئي، سا ئي گھرائي رهي آهي

جيڪڏهن پي ڊي ايم اچي اقتدار سنڀالي نہ ها تہ اسان ڊفالٽ تي وڃون ها

جي يو آءِ ۽ اي اين پي سميت پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽين سان ڳالهيون هلي رهيون آهن

پشاور(م ر)قومي وطن پارٽي جي چيئرمين آفتاب احمد خان شيرپائو جوچوڻ آهي تہ ڪجھ سياسي پارٽيون ليول پلئنگ فيلڊ جون ڳالهيون ڪري رهيون آهن. 2018ع ۾ جيڪا ليول پلئنگ فيلڊ ملي هئي، سا ئي گھرائي رهي آهي. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي آفتاب احمد خان شيرپائو چيو تہ چونڊن لاءِ ماحول سازگار آهي هن چيو تہ هو پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

44697 غير قانوني افغاني پنھنجي ملڪ وڃي چڪا: رپورٽ

54 گاڏين ۾ 86 خاندانن کي افغانستان واپس پھچايو ويو

1159 غير قانوني افغان شهري پنھنجي وطن واپس آيا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)غير قانوني افغانين جي واپسي جو سلسلو جاري آهي. ڪالھ 54 گاڏين ۾ 86 خاندانن کي افغانستان واپس پھچايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسرائيل پاران غزه ۾ 13 فوجي مارجڻ جي تصديق

حماس ۽ ٻين مزاحمتي تنظيمن سان ويڙھ دوران مارجي ويل پنھنجي 8 فوجين جا نالا بہ جاري ڪيا

صهيوني فوج گذريل ڏينھن مارجي ويل 5 فوجين جي سڃاڻپ ظاهر ڪئي هئي

غزه ۾ جاري زميني ڪارروائين دوران 152 اسرائيلي فوجي مارجي ويا ۽ درجنين زخمي ٿي پيا

غزه (م ر)اسرائيل چنجر تي غزه ۾ زميني ڪارروائي دوران وڌيڪ 13 فوجين جي مارجڻ جي تصديق ڪئي آهي، اسرائيلي ميڊيا موجب اسرائيلي ڊفينس فورس (آءِ ڊي ايف) حماس ۽ ٻين مزاحمتي تنظيمن سان ويڙھ دوران مارجي ويل پنھنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بلوچ نياڻين تي تشدد ۽ گرفتارين خلاف سنڌ سراپا احتجاج

ڪراچي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ لائيرز فورم جي سڏ تي سٽي ڪورٽ جي وڪيلن احتجاج ڪيو

بلوچن سان اظهار يڪجهتي لاءِ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو بہ احتجاج ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ سڄاڳي فورم پاران بہ ڪراچي ۾ سارنگ جويو، سھڻي جويو ۽ ٻين جي اڳواڻي احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي / حيدرآباد / سکر (نمائندن وٽان) اسلام آباد ۾ پنھنجي پيارن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندڙ بلوچ نياڻين تي وحشياڻي تشدد ۽ گرفتارين خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ڪراچي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ لائيرز فورم جي سڏ تي سٽي ڪورٽ جي وڪيلن عاقب راڄپر، خليل انصاري، ايڊووڪيٽ صداقت ميمڻ، عرفان ڪيريو ۽ ٻين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: بلوچ نياڻين تي تشدد ۽ گرفتارين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهري هلندڙ سال ملڪي تاريخ جو سڀ کان مهانگو پيٽرول ۽ ڊيزل خريد ڪندا رهيا

ڪراچي (م ر) تيل اگھن ۾ واڌ سڀ رڪارڊ ٽوڙي ويا آهن. شهري هلندڙ سال ملڪي تاريخ جو سڀ کان مهانگو پيٽرول ۽ ڊيزل خريد ڪندا رهيا. عالمي مالياتي فنڊ جي شرطن تحت ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پيٽرول ۽ ڊيزل جي في ليٽر تي 60 رپيا ليوي لاڳو ڪئي وئي، هن سال پيٽروليم شيون في ليٽر 116 رپيا 58 پيسا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پيپلز پارٽي پنجاب صوبو هٿان وڃائي ڇڏيو: خورشيد شاھ

چارٽر آف ڊيموڪريسي سبب اسان جا ڪارڪن ڪمزور ٿي ويا آهن

جيڪي چوندا هئا تہ مون کي ڇو ڪڍيو ۽ ووٽ کي عزت ڏيو، ميڊيا ٻڌائي تہ ڇا ووٽ کي عزت ملي رهي آهي؟

جڏهن تحريڪ انصاف جو باني ٻاهر اچي ۽ اليڪشن ۾ حصو وٺندو تہ ان کي رليف چيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد خورشيد شاھ چيو آهي تہ پيپلز پارٽي پنجاب صوبو وڃايو، چارٽر آف ڊيموڪريسي سبب اسان جا ڪارڪن ڪمزور ٿي ويا آهن.سکر ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لسبيلا ۾ گھر تي ڇاپو، قتل ۾ ملوث جوابدار فرار

گرمند ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جي واقعي کانپوءِ پوليس لسبيلا ۾ هڪ گھر تي ڇاپو هنيو

پوليس واقعي ۾ استعمال ٿيل گاڏي جا دستاويز هٿ ڪري ورتا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گرمند ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جي واقعي کانپوءِ، پوليس لسبيلا ۾ هڪ گھر تي ڇاپو هنيو، جڏهن تہ قتل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اليڪشن ڪميشن سياسي پارٽين جي تازي لسٽ جاري ڪري ڇڏي

عمران خان جو نالو پارٽي سربراھ جي عهدي تان هٽايو ويو

اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف کي قيادت کانسواءِ لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(م ر) اليڪشن ڪميشن سياسي پارٽين جي تازي لسٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. عمران خان جو نالو پارٽي سربراھ جي عهدي تان هٽايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچيءَ ۾ سيءَ گھٽجڻ بدران وڌڻ شروع، نئين اڳڪٿي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٿڌ ۾ واڌ ٿي وئي آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران گھٽ ۾ گھٽ گرمي پد 14 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ رات جي وقت ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي. ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري ڪيڊٽ ڪاليج جي 27 هين سالاني يوم والدين تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: نگران وفاقي وزير انيس احمد تنظيم حرمين شريفين ڪانفرنس دوران خطاب ڪري رهيو آهي

اسانجي اميدوارن تي تشدد، ڇا هي ليول پليئنگ فيلڊ آهي: عمرايوب

بلال ورڪ تي پنجاب پوليس تشدد ڪيو، جڏهن تہ سندس پيءُ بہ اغوا ڪيو ويو آهي

تحريڪ انصاف جي اميدوارن جي گھرن تي چڙهايو ۽ پيچ ڊاھ ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب چيو آهي تہ بلال ورڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ وقت وحشياڻو تشدد بہ ڪيو ويو هن چيو تہ بلال ورڪ تي پنجاب پوليس تشدد ڪيو، جڏهن تہ سندس پيءُ بہ اغوا ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حڪومت جا اپاءَ بيڪار، دعوائون ڌوڙ، ڀاڻ اڃا وڌيڪ مهانگو

يوريا جي 50 ڪلوگرام ٻوري جو اگھ 5 هزار 899 رپيا ٿي ويو

ملتان ۾ 100 رپيا ۽ لاڙڪاڻي ۾ 50 ڪلوگرام جي ٻوري جو اگھ 60 رپيا وڌي ويو

لاهور ۾ 50 ڪلو يوريا جي ٿيلهي جو اگھ 3 هزار 800 ۽ بنون ۾ 3 هزار 700 رپيا آهي

ڪراچي (رپورٽر) حڪومت جون دعوائون ۽ ڪوششون اڃا تائين بيڪار ثابت ٿي رهيون آهن. يوريا جي 50 ڪلوگرام ٻوري جي اگھ ۾ 349 رپيا واڌ ٿي آهي. يوريا جي 50 ڪلوگرام ٻوري جو اگھ 5 هزار 899 رپيا ٿي ويو آهي، سڄي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سلطانپور ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سماجي ورڪر به ميدان تي لهي پيا

صوبائي تڪ پي ايس 22 پنوعاقل ۽ پي ايس 24 سڪر ڀهراڙي واري صوبائي تڪن تي اڳواڻ لٿل

جوڻاس واسي هاري اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر محمد جادل منگي، ڳوٺ سراءِ ڪلوڙ واسي پرويز احمد شامل

آبادگارن جي مسئلن سميت تڪ جي عوام جي خدمت کي عبادت سمجهي عملي ڪم ڪنداسين: ڳالهيون

سلطانپور (رپورٽر) اليڪشن 2024 ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سڪر ضلعي جي ٻن قومي تڪن اين اي 200 ۽ اين اي 201 سميت صوبائي تڪ پي ايس 22 پنوعاقل ۽ پي ايس 24 سڪر ڀهراڙي واري صوبائي تڪن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سلطانپور ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سماجي ورڪر به ميدان تي لهي پيا

پ پ اڳواڻ مير شبير علي بجاراڻي
وڏي قافلي سان آر او آفيس خانپور
پهچي فارم جمع ڪرايو

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) پ پ اڳواڻ مير شبير علي بجاراڻي وڏي قافلي سان آر او آفيس خانپور پهچي اين اي 192 قومي تڪ ڪنڌڪوٽ شڪارپور تي نامزدگي فارم جمع ڪرايو. پ پ هميشه عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي. پ پ مخالف ماضي ۾ به اتحاد جڙيا جنهن کي عوام رد ڪيو هاڻي به پ پ وڏي اڪثريت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽي جي اهم شخصيت اويس بجار جو ڪيو پي ايس 76 لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرايو ويو

اويس بجار سوين ڳاڏين جي ريلي گهارو ڄام هائوس کان نڪتي جيڪا ٺٽو آر او آفيس پهتي

تڪ پي ايس 76 آهي منهنجو راڄ ڀاڳ آهي اميد آهي ته پارٽي ٽڪيٽ ضرور ڏيندي: ڄام محمد جوکيو

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) اليڪشن ڪميشن طرفان نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي ضلعي ٺٽي جي اهم شخصيت ڄام اويس بجار جوکيو پي ايس 76 لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرايو ۽ ڄام محمد جوکيو اين اي 225 لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرايو سوين ڳاڏين جي ريلي گهارو ڄام هائوس کان نڪتي جيڪا ٺٽو آر او آفيس پهتي جتي نامزدگي فارم جمع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي، امريڪي مصنوعاتن جي بائيڪاٽ بابت احتجاج

دشمن ملڪن جي مصنوعاتن سان گڏو گڏ انهن جو مڪمل سماجي ۽ معاشي بائيڪاٽ ڪيو وڃي: اڳواڻ

معاشي محرڪات آهن جنهن سبب هُو فلسطيني عوام ۽ خاص طور معصوم ٻارڙن جو قتل عام ڪري رهيو آهي

فلسطينين کي هن ڌرتيءَ تان ختم ڪرڻ آهي جيڪو ڪنهن به حوالي سان برداشت نه ٿو ڪري سگهجي: حاڪم گل

سڪر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي، امريڪي ۽ سامراجي مصنوعاتن جي بائيڪاٽ جي حوالي سان ڪي ايف سي سامهون ملٽري روڊ سڪر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي حاڪم گل چيو ته فلسطينين سان يڪجهتيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي ته انهن ڪمپنين کي ٽارگيٽ ڪري انهن جي مصنوعاتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪر: پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي امريڪي مصنوعاتن جي بائيڪاٽ بابت احتجاج ڪيو ويو

عاجز قادر بخش سمون دردن، ڏکن
۽ تڪليفن ۽ پيڙائن جو ترجمان
شاعر آهي: مقررين

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) عاجز قادر بخش سمون ساحلي خطي جي دردن، ڏکن ۽ تڪليفن ۽ پيڙائن جو ترجمان شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي هن خطي جي ماڻهن ،حساڪين ،فطرت سان ڪيل ويڌن ۽ ويساهه گهاتين کي دنيا تائين پهچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي اهڙيون ڳالهيون سنڌ ڪلچرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

8 مئي تي ٿيندڙ چونڊن ۾ سياسي پارٽين جي اميدوارن طرفان فارم جمع ڪرايا ويا

اميدوار ريلين جي شڪل ۾ رٽرننگ آفيسرن وٽ پنهنجا نامينيشن فارم جمع ڪرايا

اين اي 223 ۽ پي ايس 71 بدين تي اميدوار گلزار احمد ميمڻ آر او آفيس ۾ فارم جمع ڪرايو

حسام مرزا سنڌن اٽارني راجا ظفر آرائين پنهي رٽرننگ آفيسرن وٽ هنن جا نامينيشن فارم جمع ڪرايا

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) 8 مئي 2024 تي ٿيندڙ چونڊن ۾ بيهندڙ سياسي پارٽين جي اميدوارن طرفان نامينيشن فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 24 ڊسمبر ڇنڇر ڏينهن به اميدوار ريلين جي شڪل ۾ رٽرننگ آفيسرن وٽ پنهنجا نامينيشن فارم جمع ڪرايا جن ۾ مسلم ليگ ن جي اين اي 223 ۽ پي ايس 71 بدين تي اميدوار گلزار احمد ميمڻ پنهنجي رهائش گاهه قاضيا واهه پل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪرپشن کان پاڪ نئون پاڪستان ٺاهڻ جو مشن ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه ٿيندو: رب نواز ڪلوڙ

پي ٽي آءِ جا سمورا نامزد اميدوار هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخي ڪاميابي حاصل ڪندا، عوام اسان سان گڏ آهي

مقبوليت ۾ گهٽتائي نه پرواڌ ٿي وئي آهي ۽ سڄي ملڪ مان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوارن ۾ اضافو ٿيو

پنهي هٿن سان ڦرلٽ ڪندڙ ملڪ دشمن عنصرن جو احتساب عوام پنهنجي هٿن سان 8 فيبروري 2024 تي ڪندو

سڪر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر رب نواز ڪلوڙ چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جو ڪرپشن کان پاڪ نئون پاڪستان ٺاهڻ جو مشن ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه ٿيندو. پي ٽي آءِ سربراهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

چونڊن کي طاقت ۽ پيسي جي راند بڻائڻ
بدران قابليت، ڪردار ۽ خدمت کي بنياد
بڻايو وڃي: محمد حسين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته چونڊن کي طاقت ۽ پيسي جي راند بڻائڻ بدران قابليت، ڪردار ۽ خدمت کي بنياد بڻايو وڃي، جماعت اسلامي عام چونڊن ۾ ڀرپور شرڪت ڪندي، عوام 08 فيبروري تي "ساهمي" جي نشان تي ٺپو هڻي حيدرآباد سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادڪوٽ ۾ شاهه لطيف فٽبال ڪلب پاران سنڌ بلوچستان فٽبال ٽورنامينٽ منعقد

نوابزاده مير بهادر خان مگسي کي فٽبال ميچ ۾ حصو وٺندڙ فٽبال جي رانديگرن تعارف ڪرايو

الشهباز فٽبال ڪلب شهدادڪوٽ 2 گول ڪري ينگ آزاد فٽبال ڪلب اوستا محمد کي شڪست ڏني

حصو وٺندڙ رانديگرن جي گرائونڊن کي آباد ڪرڻ گهرجي ڇوته گرائونڊ آباد هوندا ته اسپتالون ويران ٿينديون: اڳواڻ

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ شاهه لطيف فٽبال ڪلب شهدادڪوٽ پاران ٻين شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو سنڌ بلوچستان فٽبال ٽورنامينٽ 2023 / 24 شهر جي بوائز هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي ٿيل فٽبال ميچ الشهباز فٽبال ڪلب شهدادڪوٽ بمقابلا ينگ آزاد فٽبال ڪلب اوستا محمد وچ ۾ ٿي گذري. ان موقعي تي ميچ جي مهمان خاص نوابزاده مير بهادر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز ۾ اينڊز اليڪشن جي اعلان بعد پ پ جي مخالفت ۾ ميدان تي لٿل

اليڪشن ڪميشن پاران آخري تاريخ فارم جمع ڪرائڻ لاءِ اعلان بعد ميدان سڄي ويو

عوام کي هاڻي اسان مان اميدون آهن عوام سمجهي چڪي آهي ۽ مخالفن کان بيزار آهي

اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندي ۽ عوام کي اميدون آهن عوام سمجهي چڪي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) اينڊز اليڪشن جي اعلان بعد اليڪشن دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي مخالفت ۾ جي ڊي جا اميدوار ب ميدان ۾ لٿل ميدان سڄي ويا دنگل مچي ويا. اڄ اليڪشن ڪميشن پاران آخري تاريخ فارم جمع ڪرائڻ لاءِ اعلان بعد جي ڊي اي اميدوار پي ايس 35 جي هلڪي مورو جي تڪ تي رئيس مسرور خان جتوئي پنهنجي ڪارڪن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ميهڙ جي شير ڪالوني، ابراهيم
چنا ڪالوني ۽ ٽيٻا روڊ جي
رهواسين پاران احتجاج

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ جي شير ڪالوني، ابراهيم چنا ڪالوني ۽ ٽيٻا روڊ جي رهواسين جي ترقياتي ڪمن ۾ ناقص ميٽريل ، نيڪال وارا نالا هنڌان هنڌان ٽٽڻ ۽ گندگي خلاف ڪالوني واسين پاران محمد حسن چانڊيو، آزاد چنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته شير ڪالوني ٽيٻا روڊ ۾ گندگي وڌي وئي آهي ناقص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شهدادڪوٽ جي قومي تڪ اين اي 196 تي مجموعي طور 19 اميدوارن فارم جمع ڪرايا

19 اميدوارن فارم آر او محسن علي شيخ ۽ اي آر او غلام عباس مالهاڻي وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا

پي ٽي آءِ ليڊيز ونگ اڳواڻ ناهيد ڪهاوڙ، پي ٽي آءِ اڳواڻ مبين مگسي، پي پي اڳواڻ خورشيد احمد شامل

ڪاغذن جي جانچ پڙتال جو مرحلو اڄ کان شروع ٿيندو جيڪو 30 ڊسمبر 2023 تائين جاري رهندو: آر او

شهدادڪوٽ (رپورٽر) اليڪشن 2024 ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران فارم جمع ڪرائڻ جو وقت ختم ٿي ويو قومي تڪ اين اي 196 تي مجموعي طور 19 اميدوارن فارم آر او محسن علي شيخ ۽ اي آر او غلام عباس مالهاڻي وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا، قومي تڪ اين اي 196 تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، جي يو آءِ اڳواڻ مولانا ناصر خالد محمود سومرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٿرپارڪر جي جنرل اليڪشن 2024 ۾ پ پ جي پراڻن اهم اڳواڻن جي بغاوت

ميڻن بجير ۽ محمد خان لنڊ آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهڻ لاءِ فارم آر او وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا

باغي اميدوارن پيپلزپارٽي توڙي مخالف گروپن سان چونڊ وڙهڻ لاءِ آزاد اميدوار طور فارم جمع ڪرايو

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر جي جنرل اليڪشن 2024 ۾ پيپلزپارٽي جي پراڻن اهم اڳواڻن جي بغاوت، ٻن اهم اڳواڻن وڪيل ميڻن بجير ۽ محمد خان لنڊ آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهڻ لاءِ نامزدگي فارم آر او وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا اين اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽي ۾ ليڊيز انڊر 19 بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جا ٽرائل منعقد ڪيا ويا

ٺٽي جون گرلس اسٽوڊنٽس رانديڻ ۾ ڇوڪرن کان اڳتي نظر آيون آهن: ذريعا

رانديگرن جي چونڊ لاءِ ٻن ڏينهن واري ٽرائل اسپورٽس ڪمپليڪس منعقد ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ ليڊيز انڊر 19 بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جا ٽرائل منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن شرڪت ڪئي ضلعي ٺٽي جون گرلس اسٽوڊنٽس رانديڻ ۾ ڇوڪرن کان اڳتي نظر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهڏو ڊگهڙي تعلقن تي مشتمل پي ايس 48 تڪ تي اميدوارن نامزدگي فارم ڪرايا

نامزدگي فارم ريٽرننگ آفيسر جهڏو غلام شبير جسڪاڻي جي آفيس ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا

عوامي تحريڪ جي امير بخش جروار، سيد شاهه جهان شاهه، سيد جهانيان شاهه، عبدل سلام شامل

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ڊگهڙي تعلقن تي مشتمل پي ايس 48 تڪ تي اڄ چار اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم ريٽرننگ آفيسر جهڏو غلام شبير جسڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سڪر اليڪشن ڪميشن وٽ نامزدگي فارم ڪاغذات جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

بئرسٽر ويرم خان مهر ۽ آصف زرداري جو ويجهو ساٿي محمد علي شيخ فارم جمع ڪرايو

غلام قادر ڏاريجو سليم غني ڪلوڙ بي فارم جمع ڪرايو سڪر جي ليڊيز پوئتي نه رهي سگهي

سڪر (رپورٽر) سڪر اليڪشن ڪميشن ۾ اڄ آخري ڏينهن آهي فارم جمع ڪرائڻ جو سڪر ۾ جنرل اليڪشن جي حوالي سان نامزدگي فارم ڪاغذات جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي سڪر ۾ هن دفعي نوان چهرا بي ميدان ۾ نظر ايندا پيپلز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ ريلوي وارا ڪوسا تي نوشهرو فيروز پوليس جي ڪاهه، احتجاج

چوديواري جو تقدس پائمال مسڪينن جي گهرن ۾ گهڙي عورتن مردن ٻارن تي تشدد ڪيو

بغير ايف آءِ آر بغير وارنٽ گهڙي عورتن تي تشدد ڪان پوءِ ٻڪريون پليتون ۽ ڪڪڙيون به ڪٺي ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ ريلوي وارا ڪوسا تي نوشهرو فيروز پوليس جي ڪاهه چادر چوديواري جو تقدس پائمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ ريلوي وارا ڪوسا تي نوشهرو فيروز پوليس جي ڪاهه، ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ٽنڊو باگو جي پي ايس 70 تي اڳوڻي گهرو وزير ذوالفقار علي مرزا نامزدگي فارم جمع ڪرايا

حسنين مرزا جو نامزدگي فارم سڪندر علي ميمڻ ريٽرننگ آفيسر ۽ اي سي وٽ فارم جمع ڪرايا

غلام مرتضيٰ خاصخيلي ۽ آزاد اميدوارن سميت 25 اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

ٽنڊو باگو (رپورٽر: رفاقت جروار) ٽنڊو باگو تعلقي جي پي ايس 70 تي اڳوڻي گهرو وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ۽ سنڌس پٽ اڳوڻي ايم پي اي حسنين مرزا جا نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن ڊاڪٽر ذلفقار مرزا جو نامزدگي فارم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهرو فيروز بار ايسوسيئيشن جي چونڊ، محمد اياز مري ٻيهر صدر چونڊجي ويو

پينلن سان ساهتي لائيرس پينل سان ٿيو، محمد اياز مري 289 ووٽ کڻي صدر چونڊجي ويو

ابرار حسين چانڊيو 239 ووٽ کڻي نائب صدر ٿيو ۽ مخالف اميدوار شڪيل احمد جوکيو 214 ووٽ کنيا

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ضلع بار ايسوسيئيشن نوشهرو فيروز جي ساليانه چونڊ محمد اياز مري ٻيهر صدر چونڊجي ويو. خبر موجب ضلع بار ايسوسيئيشن نوشهرو فيروز سال 2024 جي عهديدارن لاءِ مقابلو GMعباسي. يونائيٽيڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهدادڪوٽ ۾ گنڊهه گاڏو ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 9 ورهين جو ٽينگر ثاقب چانڊيو گاڏي هيٺيان اچي فوت ٿي ويو

اسپتال نيو ويو جتي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ گنڊهه گاڏو ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٽينگر فوت. گهر ۾ ڪهرام. شهدادڪوٽ پرسان ڳوٺ رب ڦولڙو ۾ چاڙهي تي چڙهڻ دوران گنڊهه گاڏو ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 9 ورهين جو ٽينگر ثاقب چانڊيو گاڏي هيٺيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ لکين ايڪڙ زمينن تي ٿيندڙ قبضن خلاف احتجاج

زمين تي قبضن خلاف عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي پبلڪ پارڪ کان شروع ٿي

شهر جي مکيه الله واري چوڪ تي پهتي، ريلي ۾ سنڌياڻين سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ عوام شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز (ڊ ن) زرعي انقلاب ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي ٿيندڙ قبضن خلاف عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ سنڌياڻين سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ عوام شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ناروشاهه پرائمري گرلس اسڪول جي ماستريائي ۽ سندس پٽ غريبن جا پئسا ڦٻائي ويا

فراڊي مدثر ميمڻ غريبن جي رقمون هڙپ ڪري پٽ ڊان گولو ۽ سندس ماءِ رقم ڦٻائي ويا

هن پنهي ماءِ پٽ جي فراڊ ڪرڻ سلسلو جاري پٽ ماڻهن کان موبائلون وٺي فراڊ ڪندو آهي

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه پرائمري گرلس اسڪول جي ماستريائي اسماءِ سندس پٽ مدثر ميمڻ غريبن جي رقمو هڙپ ڪري پٽ ڊان گولو ۽ سندس ماءِ گوسڙو ماستريائي غريبن کي قرض جي رقم واپس ڏيڻ بجاءِ انهن کي ڪوڙن ڪيسن ۽ اغواهه قتل ڪرائڻ جون ڌمڪين جو سلسلو جاري خبر موجب وقار ميمڻ پريس ڪلب ناروشاهه جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ناروشاهه پرائمري اسڪول جي ماستريائي ۽ سندس پٽ مدثر ميمڻ جاڪارنامو رکجي نه سگهيا هن پنهي ماءِ پٽ جي فراڊ ڪرڻ سلسلو جاري پٽ ماڻهن کان موبائلون وٺي فراڊ ڪندو اهي ماءِ ماڻهن جون ريسيو ڪائي فراڊ ڪندي جڏهن شهر جا ڪيترائي ماڻهون هٿن پنهنجي فراڊ جو شڪار ٿي چڪا آهن جن جا جاناالا ڪجهه هن ريت آهن ندا ميمڻ وقار ميمڻ شهباز ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

اسلام آباد ۾ بلوچ عورتن ۽ ٻارن تي تشدد خلاف ٺٽي جا سوين نوجوان روڊن تي نڪري آيا

نياڻين تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ٺٽي ۾ پڻ اصغر آزاد بروهي، شرجيل بروهي جي اڳواڻي ۾ ريلي

شرجيل بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي، ايڌي سينٽر کان مين رڪشا اسٽاپ تائين ڪڍي وئي

ڊاڪٽر ماهرنگ بلوچ ۽ ٻين تي تشدد رياستي ناڪامي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) اسلام آباد ۾ بلوچ عورتن ۽ ٻارن تي تشدد خلاف ٺٽي جا سوين نوجوان روڊن تي نڪري آيا. اسلام آباد ۾ بلوچ نياڻين تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ٺٽي ۾ پڻ اصغر آزاد بروهي، شرجيل بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو: اسلام آباد ۾ بلوچ عورتن ۽ ٻارن تي تشدد خلاف ٺٽي جا سوين نوجوان روڊن تي نڪري آيا ڪيل احتجاج جو ڏيک

دادو ۾ جماعت اصلاح
المسلمين پاران عهديدارن جي
سليڪشن جو اجلاس

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جي سال 2024 جي عهديدارن جي سليڪشن جو اجلاس سبحان مسجد دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين صوبه سنڌ جي فنانس سيڪريٽري خليفه محمد اقبال سوهو، پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد احمد اعوان، معاون صدر خليفه نياز احمد راڄپر جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سڪر ۾ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ تحريڪ لبيڪ جا اميدوار سرگرم بڻيل

اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا مولانا حامد محمود فيضي پاران اين اي 200 تي فارم جمع ڪرايا

سڪر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ تحريڪ لبيڪ جا اميدوار سرگرم بڻيل سڪر جي قومي ۽ صوبائي تڪن تي اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا ان سلسلي ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران 8 فيبروري 2024 تي ملڪ اندر عام چونڊون ڪرائڻ واري اعلان بعد اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران پنهنجا نامزدگي ڪاغذ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سڪر جي صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪري سگهي

عرصو ٿيڻ باوجود قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري رکي وئي

علامتي بک هڙتال وارو سلسلو ايس يو جي جنرل سيڪريٽري سيد احقر شاهه جي اڳواڻي ۾ جاري

سحرش ڪوکر، عمر سومرو، جلال الدين ڀيو، جميل سومرو، جهانزيب وسير، مسعود زيدي، حسيب شيخ شريڪ

سڪر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪري سگهي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود قاتلن جي گرفتاري لاءِ صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري رکي وئي آهي سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف 133 ڏينهن به سڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪر جي صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪري سگهي، ڪيل احتجاج جو ڏيک

ٺٽي ۾ 8 - فيبروري 2024 تي
ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾
ڪاغذ جمع ڪرايا ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي ۾ 8_ فيبروري 2024 تي ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ اڄ به قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 جي هڪ جڏهن ته صوبائي اسيمبلي جي تڪ پي ايس 75 ۽ پي ايس 76 ٻن سيٽن لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ وارو عمل اڄ آخري ڏينهن به جاري رهيو تفصيل موجب قومي اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سلطانپور اليڪشن 2024 ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ميدان سڄي ويا

صوبائي تڪن تي وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ آبادگار اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر به ميدان تي لهي پيا

عبدالستار چاچڙ پنهنجا نامزدگي فارم ڊپٽي ڪمشنر آفيس پهچي رٽرننگ آفيسر وٽ جمع ڪرائي ڇڏيا

آبادگارن جي مسئلن سميت تڪ جي عوام جي خدمت کي عبادت سمجهي عملي ڪم ڪنداسين: عبدالستار چاچڙ

سلطانپور (رپورٽر) اليڪشن 2024 ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سڪر ضلعي جي ٻن قومي تڪن اين اي 200 ۽ اين اي 201 سميت صوبائي تڪ پي ايس 22 پنوعاقل ۽ پي ايس 24 سڪر ڀهراڙي واري صوبائي تڪن تي وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ آبادگار اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر به ميدان تي لهي پيا. جوڻاس واسي هاري اڳواڻ ۽ سماجي ورڪر محمد جادل منگي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

اسلام ڪوٽ ۾ ٿر ڪول جي مختلف ڳوٺن سميت ڳوڙانو ۽ ڊڪڙچو جي متاثرين پاران احتجاج

متاثرين پاران الدبئي هوٽل کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي ڪئي وئي

ڳوٺ ڳوڙانو، هاريمار، ڊُڪڙچي جي ماڻهن کي اڃا تائين زمينن جا پئسا ناهن ڏنا ويا: مظاهرين جون ڏانهون

مالڪاڻا حق ناهن مليا، اسين پاور پلانٽ جي دونهي هيٺ گدلي آبهوا ۾ زندگيءَ گذاري رهيا آهيون: ڳالهيون

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ٿر ڪول جي مختلف ڳوٺن سميت ڳوڙانو ۽ ڊڪڙچو جي متاثرين پاران الدبئي هوٽل کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعريبازي ڪئي وئي ڌرڻي کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

اسلام ڪوٽ ۾ ٿر ڪول جي مختلف ڳوٺن سميت ڳوڙانو ۽ ڊڪڙچو جي متاثرين پاران احتجاج ڪيو ويو

بلوچ عورتن تي اسلام آباد ۾
تشدد خلاف شاگردن پاران
ميهڙ ۾ احتجاجي مظاهرو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ بلوچ عورتن تي اسلام آباد ۾ تشدد خلاف مختلف شاگردن پاران وحيد مهيسر ، ارشاد چانڊيو، امتياز چانڊيو ، حريس چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نيشنل پريس ڪلب ميهڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي هنن جو چوڻ هيو ته اسلام آباد ۾ بي گناهه عورتن تي رياستي تشدد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو اين اي 196 ون تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو

شهدادڪوٽ پهچڻ تي پ پ ڪارڪنن بلاول ڀٽو زرداري جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو

بلاول ڀٽو زرداري هيلي ڪاپٽر ذريعي شهدادڪوٽ جي ڊگري ڪاليج گرائونڊ پهتو، شاندار آجيان

شهيد بينظير ڀٽو به قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 196 تي اليڪشن ۾ حصو ورتو هو: ذريعا

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي شهدادڪوٽ آمد اين اي 196 ون تي فارم جمع. شهدادڪوٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هيليڪاپٽر ذريعي شهدادڪوٽ جي اسٽيڊيم پهتو جتان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گاڏين ذريعي ڪوٽو موٽو چوڪ واري رستي سان اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مانجهند ۾ جسقم ناري تحريڪ اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي چاليهي جو جلسو منعقد

اڳواڻ جي چاليهي جو جلسو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشيءَ جي صدارت هيٺ ٿيو

ايس ايس پي مرڪ واقعي واري ڪيس ۾ ڪابه سنجيده پيش رفت ناهي ڪري سگهيو: اڳواڻ

سماج اندر عورت کي مرد جيتري برابري نه ڏينداسين تيسين تائين اهڙا واقعا نه رڪجي سگهندا

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ جسقم ناري تحريڪ اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي چاليهي جو جلسو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشيءَ جي صدارت هيٺ ٿيو. ان موقعي تي صنعان خان خطاب ڪندي چيو ته مُرڪ جان واقعي کي 40 ڏينهن گذري ويا آهن پر ايس ايس پي حيدرآباد مُرڪ واقعي واري ڪيس ۾ ڪابه سنجيده پيش رفت ناهي ڪري سگهيو جديد ٽيڪنالاجيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مانجهند ۾ جسقم ناري تحريڪ اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي چاليهي جو جلسو منعقد ڪيو ويو، صنعان قريشي خطاب ڪندي

ميهڙ 26 ڏينهن اڳ ڦر دوران
مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان جا
جوابدار گرفتار نه ٿيا

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ 27 ڏينهن اڳ بريدارو اسٽاپ پرسان انڊس هاءِ وي تي ڇچ سان گڏ ويندڙ موٽرسائيڪل سوار ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿيل نوجوان الله ڏنو سوڍر جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پنجين ڏينهن ڏهاڙي به مقتول جي امڙ مسمات مومل خاتون ، ڀيڻ اميران بيگم ، والد عبدالمجيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

18 هين ترميم کي ختم ڪرڻ جي ڪنهن جي ماءُ کي به طاقت ناهي: خورشيد احمد شاهه

صوبن کي خود مختيار بڻايو جيڪڏهن ائين ٿيو ته سنڌ سميت چارئي صوبا ان کي تسليم نه ڪندا

ملڪ جو عوام هن مهل ڏکين حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي عمران خان کي ضمانت ملي آهي پر آزاد ناهي ٿيو

غير شفاف اليڪشن جي نتيجي رياست پاڪستان کي نقصان پهچندو جيڪو هر اداري جو نقصان آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

سڪر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جون سڪر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته 18 هين ترميم کي ختم ڪرڻ جي ڪنهن جي ماءُ کي به طاقت ناهي پ پ 18 ترميم آڻي صوبن کي خود مختيار بڻايو جيڪڏهن ائين ٿيو ته سنڌ سميت چار ئي صوبا ان کي تسليم نه ڪندا, اوهان جڳي ريت جاڻو ٿا ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 25 ڊسمبر 2023ع

آپگهات روڪڻ لاءِ حڪومت پنهنجي حصي جو ڪم ڪري

سنڌ ۾ بک، بدحالي، اڪيلائي، ذهني دٻاءُ، بيروزگاري ۽ مايوسي جي ڪري آپگهات جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. ... سنڌ ۾ آپگهات جي واقعن جو ڪارڻ بڻجندڙ اسباب جو جائزو ورتو وڃي ته ... آپگهات جي واقعن ۾ اضافو سماج جي لاءِ لمحه فڪريه آهي. ... بيروزگاري، غربت، ذهني دٻاءُ ۽ گهريلو تڪرار آپگهات جا اهم سبب ٻڌايا وڃن ٿا. ...

... جو ڪافي ڪم ڪري سگهي ٿي. جنهن سان انسان کي هڪ بهتر ملندڙ حياتي تان هٿ کڻڻ تي مجبور ٿيڻو نه پوي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سماجي ادارن سان گڏجي ڪري به حڪومت کي اهڙي منصوبا ۽ پروجيڪٽ جاري ڪري سگهي ٿي، جنهن سان اهڙي مايوسي، ڊپريشن ۽ غذا فراهم ڪري عوام جي هڪ وڏي حلقي کي ان ۾ شامل ڪري هن سنگين مسئلي کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. صحت مند روين جو دارومدار صحت مند سماج تي هوندو آهي جنهن ۾ جملي سماجي اصول ڪم ڪندا آهن. انهن ۾ به حڪومت تي فرض لاڳو ٿئي ٿو ان پاسي ڌيان ڏئي اهڙن روين کي اڳتي وڌايو وڃي.

عورت منهنجي نظر ۾ ؟؟؟

طفيل مگسي (حصو پهريون)

اهو ان ڪي پنهنجي جڙڌاري حرارت پريل ماحول واري ماحول ڪي تخليق ڪرڻ تو ڏيئي هو خوفزده آهي ڇاڪاڻ ته ان ريت هو محتاج ٿي ويندو بس مرد صدين کان عورت ڪي هڪ مڪاشي تي رکي رهيو آهي ۽ اهو خوفزده آهي ڇوته هو هن ڳالهه کان خوب واقف آهي ته عورت هن کان گهڻي وڌيڪ آهي. اها زندگي کي جنم ڏئي سگهي ٿي. فطرت مرد جي بجاءِ عورت کي تخليق جي لاءِ چونڊيو آهي. تخليق جي عمل ۾ مرد جو ڪردار اتفاقي بلڪل ناهي. ...

... غليظ رسم هئي. مرد نهايت ئي انا پرست آهي ۽ مان ان کي مردانگي شائونيت پرست سڏيان ٿو مرد ان معاشري کي ٺاهيو آهي. ۽ هڪ معاشري ۾ عورت جي ڪا جڳهه ناهي. جڏهن ته اها نهايت حيرت ڪندڙ ڳالهه آهي خاصيت جي مالڪ آهي. مثال جي طور تي جيڪڏهن مرد ذهني امڪان جو مالڪ آهي ته عورت محبت جي امڪان جي مالڪ آهي ان جو اهو مطلب ناهي ته اها اهليت جي مالڪ نه ٿي سگهي. اها ذهانت ۽ ذهنيت جي مالڪ ٿي سگهي ٿي ان جو ڪو سبب ناهي ته هوء اهو نه ٿي سگهي. ...

توهان جي ڄاڻ بنجڻ جي خواهشمند آهي. محبوبا بنجڻ جي اميد ڪندڙ آهي. مگر اپشند جو آشيرواد اٽڪل 5000 يا 6000 سال پراڻو آشيرواد جديد نفسيات جي بصيرت ڏيئي ٿي. هڪ عورت چاهي اها ڪجهه به هجي. بنيادي طور تي ماءُ هوندي آهي. پيءُ هڪ ايجاد ڪندڙ ادارو آهي. ليڪن اهو فطري ناهي. ان هوندي ...

ڏين گهرجي ته اها خوبصورت مستقبل حاصل ڪندي. مرد ۽ عورت نه ته برابر آهن ۽ نه ئي غير برابر بلڪ اهي ته منفرد آهن ۽ ٻنهي منفرد هستين جو ميلاپ ڪنهن معجزي واري اثر رکندڙ شيءِ کي وجود ۾ آڻي سگهي ٿو.

”اوشو (گرورجنيس جي عورت جي باري ۾ ڪيل ليڪچرز منجهان ترجمو ڪيل)

صوفيءَ سيءُ سين ۾، جئن رڱن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پوين پروڙي پساهه؛
آهس اِيُ گناهه، جي ڪا ڪري پڌري

مهانگائي، سياسي پارٽيون ۽ ايندڙ چونڊ

تحرير: قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ مهانگائي، پاڻ جي ڪوٽ ۽ بيروزگاري سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ دانهون ڪندڙ عوام جي دردن جو ڪير به درمان ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ملڪ جي وڏين پارٽين جا سربراهه توڙي ٻيا اڳواڻ ڪڏهن جلسن ۾ ته ڪڏهن پريس ڪانفرنس ۾ ايندڙ چونڊ ۾ ليول پليئنگ ڏيڻ جي ڳالهه ڪرڻ سميت رڳو هڪ ٻئي خلاف بيان بازي ۾ پورا آهن پر ملڪ جي عام ماڻهو جي تڪليفن تي ڪير به ڳالهائيندي نظر نٿو اچي. توڙي جو ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ ان ئي عام ماڻهو کان وٺڻ وارا آهن پر ڪٿي به جلسن توڙي ٻين هنڌن تي عام ماڻهو جي ڄڻ ڳالهه هنن جي منشور ۾ ئي ناهي رهي. ها باقي ڪجهه ڏينهن اڳ پيپلز پارٽي پاڻ جي ڪوٽ خلاف رسمي احتجاج ڪري عام ماڻهو ۾ نالو ڳڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر اها ڪوشش به ڪيس عام ماڻهو کان ايتري همدردي ناهي ڏياري سگهي جيتري هوءَ حقدار هئي ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا پر ملڪ ۾ اصل مسئلو مهانگائي جو آهي.

مهانگائي جي وڌڻ، بيروزگاري ۽ ناانصافين سبب عام ماڻهو لڳاتار ذهني ڪرب جو شڪار نظر اچي ٿو ملڪ ۾ نگران سرڪار جڏهن کان آئي آهي تڏهن کان ان جي ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ فيصلن سان گڏ ڪجهه عوامي ڀلائي وارا فيصلا ٻڌڻ ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن تن ۾ هڪ اهم فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي وارو به نمايان نظر اچي ٿو اها به ڳالهه آهي ته تيل جي عالمي ليول تي اڳهن جي گهٽتائي مطابق هتي قيمتون گهٽ ناهن ٿيون پر ايترو ضرور ٿيو آهي ته ملڪ جي عوام جيڪا گذريل دور حڪومت کان پوءِ وري نگران سرڪار پاران به تيل جي مسلسل وڌندڙ قيمتن سبب پريشان هئي اها ڪجهه سک جو ساهه کڻڻ جهڙي ته ٿي آهي پر ڳالهه رڳو تيل جي قيمتن جي گهٽتائي جي ناهي پر ان گهٽ ٿيندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن کان علاوه عوام کي عام واهپي جي شين جي اڳهن جي گهٽ ٿيڻ جو به وڏو انتظار آهي جيڪو رليف عوام کي نه پيو ملي، ان جا سبب ڇا آهن اهو هڪ الڳ بحث آهي پر تازو ڪجهه ڏينهن اڳ سرڪاري طور جاري ٿيل انگ اکر به ان ڳالهه جو ثبوت آهن. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مهانگائي جي شرح 42 سيڪڙو کي به ڪراس ڪري وئي آهي جيڪا تاريخ جي بلند ترين سطح ليکي پئي وڃي.

ملڪ ۾ ان قدر وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل حڪومتن جي ڪا خاص پلاننگ نظر نه آئي پر موجوده وفاقي توڙي سنڌ جي صوبائي نگران سرڪار به خبر ناهي ڪهڙي مصلحت تحت ملڪ مٿان عذاب وانگر حاوي ٿيندڙ مهانگائي جهڙي راڪاس کي روڪڻ لاءِ ڪي جوڳا اپاءَ ناهن ورتا. جيڪا ملڪ جي مسڪين ۽ پورهيت طبقي لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي. نگران سرڪار پاران گذريل ڏيڍ مهيني کان ٻن مهينن ۾ پيٽرول جي اڳهن ۾ وڏي گهٽتائي ڪئي آهي ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي پر ان جو ثمر عام ماڻهو کي ملڻ بدران وڏن ڪارخانيدارن، واپارين، ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن ڪاروبارن سان سلهاڙيل ڌرين کي پهتو آهي جنهن جو مثال اهو به آهي ته جيڪو اٽو گذريل مهيني 125 کان 130 روپيا ڪلو ملي رهيو هو اهو هڪدم 10 کان 15 روپين تائين وڌي 135 کان 140 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو آهي جڏهن ته کنڊ جو اگهه به 125 مان وڌي 135 روپيا ٿي ويو آهي ان کان علاوه چانهه واري پتي پڻ لڳ ڀڳ ارڙهن سؤ روپيا ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي گيهه ۽ ڪاڏي پيتي سميت ٻين عام واهپي وارين شين جا اگهه گهٽ ٿيڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي پاڻ جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيا به آهن ته انهن جو ڪو خاص ڪٽ نِيل ناهي نڪري سگهيو اتي سوچڻ جي ڳالهه اها به آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ لڳاتار پندرنهن سال حڪومت ڪرڻ سان گڏ پنج سال ٻيهرين وفاق ۾ حڪومت ڪرڻ سان گڏ تازو ڏيڍ سال پي ڊي ايم جي پليٽ فارم تان گڏيل حڪومت جو حصو پڻ رهي آهي ان ڪري پاڻ جي ڪوٽ سميت ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي سببن ۽ ان ۾ ملوث ڌرين جي ان کي چڱي ريت ڄاڻ هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ملڪ جي عوام سان واقعي به سياسي پارٽيون سچيون آهن ته احتجاج ڪرڻ بدران پنهنجي قانوني ماهرن جي ٽيم سان صلاحون ڪري ان وسيلي انهن ڌرين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاري سوال ڪري ۽ عوام کي هڪ وڏو ريليف ڏياري سگهن ٿيون. پيپلز پارٽي کان علاوه نواز ليگ ۽ جي يو آءِ سميت تقريبن ٻين سڀني پارٽين جي سياسي منشور کان في الحال عام ماڻهو جڻ غائب نظر اچي رهيو آهي. نتيجي ۾ عام ماڻهو بي رحم ڪارخانيدارن واپارين ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن واڳن جي وات ۾ ڦاٿل آهي جيڪو مهانگائي جي چڪيءَ ۾ مسلسل پيڙجي رهيو آهي. پيٽرول، ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم جي شين ۾ وڏي گهٽتائي اچڻ باوجود وڏن واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن پاران مسڪين قوم کي بي دردي سان ڪلو پيو وڃي، قوم جو جڻ ته ملڪ ۾ ڪو به پرسان حال نظر نه پيو اچي ٽرانسپورٽر جيڪي 5 روپيا تيل وڌڻ جي بهاني 50 روپين کان 200 روپين تائين ڪرايا وڌايو ٿا ڇڏين ۽ گورنمينٽ جي مقرر ڪيل ڪراين کي تڏي سري عام ديده دليري سان وڌيڪ ڪرايا اوڳاڙي عوام کي لٽي رهيا آهن تن کان به ڪير پڇڻ وارو ئي ناهي ۽ نه ئي ذخيره اندوزن خلاف ڪا جوڳي ڪارروائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي جيڪي ملڪ ۾ هئڙادو مهانگائي جا وڏا ذميوار پڻ ليکيا وڃن ٿا. ان ڪري مهانگائي جي ذميوار ڌرين خلاف هن وقت ملڪ ۾ قانون جي رٽ قائم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ملڪ ۾ عام ماڻهو کي مهانگائي کان ڇوٽڪارو ڏيڻ سميت مستقل پلاننگ سان بيروزگاري کي به قابو ڪرڻ لاءِ بهتر فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت ۾ شامل آهي.

هن وقت جڏهن ته ملڪ ۾ عام چونڊن جي شيڊول جو به اعلان ٿي چڪو آهي ۽ هر سياسي پارٽي کي چونڊ وسيلي ماڻهن ۾ وڃڻو آهي ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ نواز، جميعت علماءِ اسلام، جي ڊي اي سميت اڪثر پارٽين کي ملڪ مان مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ عوام کي پنهنجو ڪيل منشور ڏيڻ سان گڏ مرڪزي نگران سرڪار سميت چئني صوبائي نگران حڪومتن آڏو عوام جي اهڃن تي ڳالهائڻ يا احتجاج ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل قريب ۾ وڏن واڳن تي ڪنٽرول ڪري مهانگائي جهڙي جن کي به قابو ڪري سگهجي ۽ ان جي چنبي ۾ ڦاٿل عوام کي ريليف ڏياري ڪو ان جي چهرن تي مرڪون موٽائي ڏين ته جيئن سياسي پارٽيون ان سان ايندڙ چونڊ ۾ عوام جو پاڻ مٿان اعتماد به بحال ڪرائي سگهن.

بقايا 01 ***

شروع ڪري ڏنيون. ريسڪيو اختيارين موجب ملبي هيٺيان ڌهيل لاشن کي ڪڍيو ويو آهي. پوليس موجب باهه لڳڻ سبب ذاڪر عباسي جو پورو گهر سڙي خاڪ ٿي ويو جڏهن ته خاندان جا ماڻهو سڙي فوت ٿي ويا. مقامي ڪائونسلر خاقان عباسي ٻڌايو ته گهر ۾ باهه لڳڻ سبب نگينه بيگم زال محمد ذاڪر ۽ سندس 4 ٻار ۽ 4 ٻارڙيون فوت ٿي ويون. فوت ٿيل خاندان جو سربراهه ذاڪر عباسي روزگار جي سلسلي ۾ ڪراچي ۾ ترسيل آهي.

بقايا 02 ***

اين اي 130 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. نوازشريف جو ڪورنگ اميدوار بلال ياسين آهي. نوازشريف کي 26 ڊسمبر تي اسڪروٽني لاءِ گهرايو ويو. اين اي 130 تان تحريڪ انصاف جي ڊاڪٽر ياسمين راشد به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. جماعت اسلامي طرفان صوفي خليق ۽ احمد بٽ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. قومي ۽ صوبائي سيٽن لاءِ اميدوارن اڄ به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ واڌ سان رش ختم ٿي وئي هئي. اڄ جي موڪل جي باوجود سموري ملڪ ۾ ريٽرننگ، اسسٽنٽ آفيسر ۽ عملو آر او آفيس ۾ حاضر رهيو. ان موقعي تي ريٽرننگ ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن جي آفيس ٻاهران سخت سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويا هئا.

بقايا 03 ***

ٿي رهي عدالت انهي ڪيس کي سنجيدگي سان وٺي. حڪومت جاچ ڪري يا ججز جوڊيشل انڪوائري ڪن ته سائفر جي پٺيان اصل ڪهاڻي ڪهڙي آهي صحافين سان ڳالهين دوران بلاول ڀٽو زرداري (ن) ليگ جي اڳواڻ نوازشريف جي مٿان به تنقيد ڪندي چيو ته ٻهريان ميان صاحب جو نعرو هو ته مون کي ڇو ڪڍيو، هاڻ چونڊن ۾ ان جو نعرو هوندو مون کي ڇو گهرايو؟ بلاول دعويٰ ڪندي چيو ته پ پ جو ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪو به مقابلو نه آهي. اسان جو مقابلو معاشي بحران ۽ مهانگائي جي طوفان سان آهي. هن چيو ته حڪومت ناهڻ جو موقعو مليو ته ملڪ جي نوجوانن کي رليف ڏينداسين هن چيو ته مزدورن، هارين کي سندن حق ڏيارڻ چاهيون ٿا صحت جون سهولتون هر شهري جي لاءِ مفت هجڻ گهرجن ملڪ جي عوام مهانگائي سبب تمام گهڻو پريشان آهي. پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام طرف ڏسي رهي آهي عوام کان سندن سات گهري رهيو آهيان. بلاول ڀٽو چيو ته ڪنهن به سياستدان جي خلاف سياسي انتقام جي حق ۾ نه آهيان. غلطين مان تمام گهڻو سکي چڪو آهيان چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان پوءِ عوامي حڪومت ناهينداسين چونڊن ۾ سڀني کي دعوت ڏيان ٿو ته اچي مقابلو ڪريو چونڊ اتحاد جي حوالي سان هڪ سوال جي جواب ۾ بلاول ڀٽو چيو ته سياسي اڳواڻن تي اعتراض ٿي سگهن ٿا پر پي ٽي آءِ سميت ڪنهن به پارٽي جي سياسي ڪارڪن کي سياست ڪرڻ جي آزادي هجڻ گهرجي. پ پ جمهوريت تي يقين رکي ٿي سياسي انتقام تي نه.

بقايا 04 ***

بندي سان استعمال ڪيو ويو جاچ اداري جي رپورٽ موجب ايوي ايشن ڊويزن جو 12 آڪٽوبر تي خط 60 ڏينهن کان پوءِ سياسي پارٽي سان جڙيل اڪائونٽ تان پوسٽ ٿيو عمر محمود حيات جي اڪائونٽ مان 16 ڊسمبر رات 11 لڳي 39 منٽن تي ايوي ايشن جو خط پوسٽ ٿيو اهڙي اڪائونٽ تان پي ٽي آءِ باني جي ڪيسن تي ججز ۽ عدليه کي به تنقيد جو نشانو بنايو ويو جاچ موجب ڪجهه سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ به اهڙي سياسي پارٽي جي ٽارگيٽيڊ ايجنڊا کي اڳيان وڌايو ججز جي ڪردار ڪشي جي مهم ۾ به هڪ سياسي پارٽي سان جڙيل اڪائونٽ حصو ورتو سياسي پارٽي سان جڙيل اڪائونٽس ڪوڙي پروپيگنڊا کي وائرل ڪيو سياسي پارٽي جي حامي ايڪٽيوسٽس ۽ وي لاگرز سوشل ميڊيا ٽرينڊ ناهيندا رهيا. ٽي وي چينلز جي خبرن جا اسڪرين شاٽس وٺي سوشل ميڊيا تي مهم هلائي وئي. جاچ اداري جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ 18 ڊسمبر تي وضاحت جاري ڪئي هئي پر ان باوجود به ڪردار ڪشي مهم جاري رهي. عدليه ۽ ججز کي دٻاءَ ۾ آڻڻ لاءِ سياسي پارٽي پهريان به مختلف طريقا استعمال ڪري چڪي آهي. هڪ سياسي پارٽي جي اڳوڻي چيئرمين جج زيبا کي ڌمڪيون ڏنيون جنهن جو ڪيس هلندڙ هيٺ آهي. تجزيه ڪارن موجب آگسٽ 2023 ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي به ڪردار ڪشي ڪئي وئي. ٽرولز سان ججز کي دٻاءَ ۾ آڻڻ جو طريقو افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي. چيف جسٽس ۽ ججز کي نشانو بنائڻ جو مقصد اهم ڪيسن کي متاثر ڪرڻ ٿي سگهي ٿو قانوني ماهرن جو چوڻ آهي ته سوشل ميڊيا تي اعليٰ عدليه تي تنقيد ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪردارن کي بي نقاب ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 05 ***

الاهي ۽ سندس گهرواري قيصره الاهي اين اي 64 ۽ پي پي 32 تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. مونس الاهي تڪ اين اي 64 جڏهن ته سمير الاهي صوبائي تڪ پي پي 32 ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. مولانا فضل الرحمان به اين اي 44 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. مولانا فضل الرحمان اين اي 44 تان چونڊن ۾ حصو وٺندو. مولانا سعد محمود اين اي 44 تي مولانا فضل الرحمان جو ڪورنگ اميدوار هوندو. هوڏانهن پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به ريٽرننگ آفيسر محسن علي شيخ وٽ اين اي 196 قمبر شهدادڪوٽ 1 لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن.

بقايا 06 ***

اڄ شام ساڍي 4 وڳي تائين نامزدگي ڪاغذ لاڳاپيل ريٽرننگ آفيسرن وٽ جمع ڪرائي سگهن ٿا. اڄ نوازشريف لاهور کان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اين 130 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا جڏهن ته خرم دستگير خان اين اي 78 گوجرانوالا جي سيٽ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي اين اي 150 ملتان تان به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. اين اي 150 تان زين قريشي ۽ مهربانو قريشي به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا جڏهن ته اين اي 180 ڪوٽ ادو تان اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کهر نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪنوينر ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي به ڪراچي تان اين اي 249 جي سيٽ تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته تڪ بندين تي اعتراضن بابت ٻڌڻي چونڊن کان پوءِ ڪئي ويندي. هن وقت درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ته چونڊ پروگرام تي منفي اثر پوندا. ياد رهي ته هاءِ ڪورٽ تڪ بندين جا 15 ڪيس اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيا آهن. سپريم ڪورٽ جي هدايت آهي ته اليڪشن ڪميشن 30 نومبر جي تڪ بندين تي چونڊون ڪرائي.

بقايا 07 ***

سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مضبوط ۽ مناسب اميدوارن جي گروپن سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪئي ويندي. نارووال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته پاڪستان ۾ لاڏائن جون ڳالهيون ٿينديون آهن هر ڪو ڪنهن جو پيارو آهي. نواز شريف پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو پيارو آهي هن چيو ته نواز شريف هميشه عوام جو درد محسوس ڪيو نواز شريف ملڪ ۽ عوام جي ترقي لاءِ ڪم ڪيو پاڪستان جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻايو احسن اقبال جو وڌيڪ چوڻ هو ته نواز شريف جو خواب آهي ته پاڪستان جي معيشت کي ناقابل تسخير بڻايو وڃي. نواز شريف جا خواب هميشه پورا نه ٿيا.

بقايا 08 ***

ڪاغذ به جمع ڪرايا ويا. اين اي 150 تان زين قريشي ۽ مهربانو قريشي به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. شاهه محمود قريشي، مهربانو ۽ زين قريشي به ڪالهه اين اي 151 تان ڪاغذ جمع ڪرايا. عام چونڊن 2024ع ۾ حصو وٺڻ لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو اڄ آخري ڏينهن آهي، سڄي ملڪ مان سياسي پارٽين جا اميدوار ۽ آزاد اميدوار به پنهنجا ڪاغذ جمع ڪرائي رهيا آهن.

بقايا 09 ***

صندل خٽڪ چيو ته ڪهڙي سياسي پارٽي سان جڙيل آهيان اهو هن وقت نٿي ٻڌائي سگهان منهنجي اباڻي علائقي ۾ تمام گهڻا مسئلا آهن انهن جي حل لاءِ ميدان ۾ نڪتي آهيان تڪ ٺاڪر چيو ته عورتن کي بااختيار بنائڻ منهنجو مقصد هوندو. گيس اسان جي علائقي جي آهي پر اسان کي نٿي ملي. عورتن کي گيس، بجلي ۽ پاڻي جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته اسان جي علائقي ۾ ڪيترن ئي روڊن جا ڪم اڌ ۾ ڇڏيا ويا آهن مون کي عوام جي حمايت حاصل آهي انشاءالله چونڊن ۾ ڪٽي پنهنجي علائقي جي بهتري لاءِ ڪم ڪندس.

بقايا 10 ***

ميڊيا طرفان رپورٽ ڪيا ويا. انصاف جي گهرج آهي ته سيالڪوٽ واقعي جي انڪوائري جو حڪم ڏنو وڃي (ن) ليگي اڳواڻ چيو ته پي ٽي آءِ جون انٽرا پارٽي چونڊون قانون موجب نه ٿيون آهن اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي ڳالهائڻ نٿو چاهيان. ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته جيڪڏهن شهباز شريف ڪراچي مان چونڊ وڙهي رهيو آهي ته سٺي ڳالهه آهي. شهباز شريف جي سيٽ بابت ايم ڪيو ايم سان ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. ياد رهي ته عثمان ڊار جي والده ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي هڪ وڊيو بيان ۾ ليگي اڳواڻ خواجه آصف تي حراسان ڪرڻ جو الزام لڳائيندي چيو ته 20 حملي آورن گهر جو مين دروازو ٽوڙيو ۽ منهنجي قميض کي به ڦاڙيو ويو. خواجه آصف هڪ دفعو ٻيهر منهنجي گهر تي حملو ڪرايو.

بقايا 11 ***

آهي. ذريعن موجب ارباب خاندان کي پرچائڻ ۾ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ارباب عالمگير قومي ۽ سندس پٽ خيبرپختونخواهه جي سيٽ تان چونڊن ۾ حصو وٺندا. پيپلز پارٽي جي طرفان عورتن جي مخصوص سيٽ عاصمه عالمگير کي ملندي. ارباب عالمگير اين اي 31 ۽ زرڪ خان پي ڪي 80 جي لاءِ جڏهن ته عاصمه عالمگير قومي اسيمبلي جي لاءِ عورتن جي مخصوص سيٽ تي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن ارباب عالمگير چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت سان سمورا شڪوا ختم ٿي ويا آهن. پيپلز پارٽي جمهوري پارٽي آهي. اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي. پيپلز پارٽي سان ڪافي وقت کان جڙيل آهيون. آصف زرداري، بلاول ڀٽو ۽ يوسف رضا گيلاني کان تمام گهڻو پيار ۽ پنهنجائپ ملي آهي. ياد رهي ته گذريل مهيني ٻنهي اڳواڻن پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن کان پوءِ پارٽي قيادت طرفان اهم اڳواڻن کي ڪين پرچائڻ جون ذميواريون ڏنيون ويون هيون.

بقايا 12 ***

چيو ته تربت کان ڪوئيٽا ۽ بعد ۾ ڪوئيٽا کان اسلام آباد لانگ مارچ هڪ منصوبي تحت ڪيو ويو هن چيو ته تربت واقعي ڪانپوءِ بلوچستان حڪومت سي ٽي ڊي اهلڪارن خلاف ڪيس ۽ واقعي جي انڪوائري سميت ٻيا جائز مطالبا مڃيا پر ان باوجود اسلام آباد طرف لانگ مارچ ڪيو ويو هن چيو ته اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ دراصل دهشتگردن کي سهولت ڏيڻ هو جان اچڪزئي چيو ته بلوچستان ۾ نسلي تعصب جي ڪري ماڻهن کي ماريو پيو وڃي پر ڪو آواز نٿو اٿاري. بلوچستان مان ڪو به گم ناهي، لانگ مارچ ۾ شريڪ جن ماڻهن جا نالا ڪنيا پيا وڃن، اهي پابندي مڙهيل تنظيمن جي ڪئمپن ۾ آهن يا پارٽ ۾ تربيت وٺي رهيا آهن هن چيو ته لانگ مارچ ۾ شرڪت ڪندڙ پنهنجي ايجنڊا ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ دهشتگردن جي سهولتڪاري جهڙا مطالبا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا. ياد رهي ته بلوچستان ۾ جبري گمشدگين ۽ عدالت کان مٿانهين قتلن جي خاتمي جو مطالبو ڪندي بلوچ مظاهرين حڪومت کان گرفتار سمورن احتجاج ڪندڙن کي فوري طور تي آزاد ڪرڻ ۽ مٿن الزام ختم ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو الٽي ميٽم ڏنو آهي. بلوچ يڪجهتي ڪميٽي ميڊيا کي جاري ڪيل بيان ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار ٿيل 100 کان وڌيڪ ميمبرن کي عدالتن ۾ پيش نه ڪيو ويو آهي ۽ اجا تائين گم آهن بلوچ سوليڊيريٽي ڪائونسل پاران جاري ڪيل پريس رليز ۾ چيو ويو آهي ته 350 جي ڪن مظاهرين کي گرفتار ڪيو ويو، جن مان 33 جي ضمانت منظور ڪئي وئي، 250 کان وڌيڪ اجا تائين جيل ۾ آهن ۽ 100 کان وڌيڪ اجا تائين عدالت ۾ پيش نه ڪيا آهن ۽ اهي اجا تائين گم آهن.

بقايا 13 ***

آهيان. نالبواري صحافي وڌيڪ چيو ته نئين نسل کي بنيادي وقار کان محروم ڪيو پيو وڃي.

بقايا 14 ***

تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن سندس چوڻ آهي ته گذريل 3 مهينن ۾ ملاقاتن جي اجازت ناهي ڏني وئي. هن وقت تائين جيڪي به چونڊ اتحاد ٿيا آهن اهي سرڪاري آهن آفاق احمد جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سرڪاري پارٽين لاءِ ميدان خالي نه ڇڏيو ويندو. نامزدگي ڪاغذن ڪانپوءِ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي ڳالهه ڪئي ويندي.

بقايا 15 ***

جي يو آءِ جي مرڪزي سرپرست مولانا قمرالدين خضدار ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي سيٽ ايڊجسٽمينٽ جو اعلان ڪيو ٻنهي اڳواڻن پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو ته اين اي 256 تان سردار اختر مينگل جي يو آءِ ۽ بي اين پي جو گڏيل اميدوار هوندو. جڏهن ته پي بي 18 تان بي اين پي جي يو آءِ جي حمايت ڪندي. جنهن جو اميدوار غلام سرور هوندو. پي بي 19 تان بي اين پي جي يو آءِ جي حمايت ڪندي. جنهن جو اميدوار مير يونس عزيز زهري هوندو جڏهن ته پي بي 20 تان جي يو آءِ بي اين پي جي اختر مينگل کي سپورٽ ڪندي.

بقايا 16 ***

لاميه نيازي ۽ ايڊووڪيٽ بلال عمر بوڏلا اين اي 89 ميانوالي جي لاءِ عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا. بلال عمر بوڏلا چيو ته حالتون سنگين هجڻ سبب ٻيون پيرو عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن هن چيو ته توشه خاني ڪيس جو فيصلو به معطل ٿيندو ۽ پي ٽي آءِ باني به چونڊن ۾ حصو وٺندو. بيٽ جو نشان پي ٽي آءِ کي واپس ملي ويندو. عمران خان کان سواءِ عام چونڊن کي ڪير به نه مڃيندو ياد رهي ته 8 فيبروري 2024 تي چونڊ شيڊول جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو اڄ آخري ڏينهن آهي ۽ اليڪشن ڪميشن موجب نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جو عمل سڀاڻي کان شروع ٿيندو.

بقايا 17 ***

ٿو بيان موجب سلامتي ڪائونسل جو غزه ۾ امداد بابت ٺهراءُ ڪيائين جي سمنڊ ۾ ڦڙي برابر آهي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته غزه ۾ انساني امداد جي فراهمي ۾ بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري رهڻ گهرجي، اسرائيل کي غزه جي شهرين جي امداد ۾ نه روڪڻ گهرجي.

بقايا 18 ***

ڪيو آهي. ٽيليفون تي ڳالهيون ڪندي صوبائي اليڪشن ڪمشنر چيو ته ريٽرننگ آفيسرن جي ڪم ۾ مداخلت ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن کي شفاف چونڊون ڪرائڻ جي لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ ڏيڻي آهي. صوبائي اليڪشن ڪمشنر چيو ته چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ اميدوارن جو حق آهي پوليس ڪنهن به اميدوار کي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ کان روڪيو ته ڪارروائي ڪئي ويندي ڇو ته شفاف چونڊن ۾ ڪنهن قسم جي به رڪاوٽ کي برداشت نه ڪنداسين.

بقايا 19 ***

پي ڊي ايم) جو حصو بڻيو ۽ وزارت نه ورتي، جيڪڏهن پي ڊي ايم اچي اقتدار سنڀالي نه ها ته اسان ڊفالٽ ٿي وڃون ها. آفتاب شيرپاءُ جو چوڻ آهي ته جي يو آءِ ۽ اي اين پي سميت پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽين سان ڳالهيون هلي رهيون آهن. سيٽ ايڊجسٽمينٽ ضلعي سطح تي ٿيندي. قومي وطن پارٽي جي چيئرمين اهو به چيو آهي ته اسان سمجهون ٿا ته ٻيهرين اليڪشن ۾ عوام جا نمائندا نه آيا هئا، پي ٽي آءِ حڪومت 9 سال صوبي کي خراب ڪيو، جيڪي نگران حڪومت ۾ ويٺا آهن اهي ان لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

بقايا 20 ***

اڳواڻي ۾ مظاهرو احتجاج ڪيو نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن، الٽرنيٽ، هوم بيسڊ وومين ورڪرز ۽ ٻين مزدور تنظيمن پاران به ڪراچي ۾ بلوچ نسل ڪشي، اسلام آباد ۾ بلوچ نياڻين تي تشدد، جبري گمشدگين ۽ عدالت کان مٿانهون قتل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي. ناصر منصور، زهرا خان، الاهي بخش بڪڪ، قاضي خضر، سعيد بلوچ، عاقب حسين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. بلوچن سان اظهار يڪجهتي لاءِ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو به احتجاج ۾ شرڪت ڪئي. سنڌ سجاڳي فورم پاران به ڪراچي ۾ سارنگ جويو سهڻي جويو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو مظاهرين بلوچ نسل ڪشي بند ڪرڻ ۽ جبري ڪنيي گم ڪيل بلوچن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ميرپورخاص ۾ گهرام بلوچ، يار محمد بلوچ، ياسين بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو ٺٽي جي بروهي برادري جي سڏ تي سوين نوجوانن پاران ايڊي سينٽر کان ريلي ڪڍي وئي. احتجاجي ريلي ۾ جسقم، جيئي سنڌ تحريڪ ڪرناٽي، قومي عوامي تحريڪ، ٽئوٽ ايڪشن ڪميٽي، لاڙ عوامي فورم ۽ ٻين پارٽين جا اڳواڻ به شامل ٿيا. آزاد اصغر بروهي، نظام بروهي، اقبال جاڪرو، امين بروهي، راول ڪرناٽي، ياسر جاڪرو، فهد ڪرناٽي ۽ ٻين خطاب ڪيو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلوچن سان ايڪي جي اظهار لاءِ اياز ڪالرو، گل زيب بلوچ، حفيظ بلوچ، حسن قائم خاني، امتياز خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي سڏ تي ضلعي نواب شاهه پاران اسلام آباد ۾ بلوچ نياڻين تي تشدد ڪري ڪين گرفتار ڪرڻ ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ اڪبر سوڏر، نوشاد باغي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو ويو شهدادڪوٽ ۾ ذوالفقار مگسي، مشتاق بروهي، فيض بروهي، گدا مستوئي، راجا بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي سڏ تي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو حب علي ڪوسو، عمران سرڪي، ممتاز ڪلهوڙو ۽ عبدالمجيد گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سنڌ انڊيجينئس رائٽس الائنس پاران اسلام آباد ۾ بلوچ عورتن تي تشدد ۽ گرفتارين خلاف سيد خدا ڏنو شاهه، عبدالخالق جوڻيجو ۽ حفيظ بلوچ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو نوشهروفيروز ۾ زينب پيرزادو شباڻ پيرزادو، حق نواز راڄپر، خالد راڄپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو حيدرآباد ۾ ايازميلي جي ٽئين ڏينهن مڪ اسٽيج واري هال ۾ 2 شاگرديائيون، بلوچستان جي ڪنيي گم ڪيل ماڻهن جي بازيابي ۽ ڪوڙن مقابلن ۾ بلوچستان جي نوجوانن کي مارڻ خلاف احتجاج ڪندڙ مهار رنگ بلوچ سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ پلي ڪارڊ کڻي بيٺل رهيون. ان موقعي تي شاگرديائين رابيا جمالي ۽ عڪس بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسلام آباد ۾ بلوچستان جي پرامن احتجاج ڪندڙ نياڻين تي تشدد جي مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته پر امن احتجاجي مارچ ۾ شامل عورتن ۽ ٻارڙن تي پوليس پاران ڪيل تشدد جبر ۽ ڏاڍ آهي، اسان پنهنجي بلوچ نياڻين سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا.

بقايا 21 ***

فراهم ڪيا ويا آهن 350 ايڪڙ ايراضي تي محيط مهمند اڪنامڪ زون قائم ڪيو ويو آهي جنهن سان صنعتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ ضم ٿيل قبائلي ضلعن جي ماڻهن کي روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪيا ويا آهن زون ۾ تيار ٿيندڙ سامان کي جنرل سيلز ٽيڪس کان ڇوٽ ڏني ويندي، زون ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جي فراهمي کي به يقيني بڻايو ويو آهي اڪنامڪ زون ۾ 17 يونٽ فعال آهن جڏهن ته ٻين يونٽن تي ڪم جاري آهي، صنعتي يونٽن ۾ ضم ٿيل ضلعن جي ماڻهن کي روزگار جا موقعا پڻ فراهم ڪيا ويا آهن ازڊيمڪ جي سربراهه جو چوڻ آهي ته ڪوششون جاري آهن ته ان کي اسپيشل اقتصادي زون جو درجو ڏنو وڃي ته جيئن صنعتون انڪم ٽيڪس ۾ ڇوٽ برقرار رکي سگهن

بقايا 22 ***

8 فوجين جا نالا به جاري ڪيا آهن، جن مان 4 جو تعلق غزه جي ڏکڻ ۾ سيونٽ آرمرڊ برگيڊ سان آهي، اسرائيلي فوج موجب غزه ۾ جنگ دوران 5 فوجي سخت زخمي ٿي پيا، جڏهن ته صهيوني فوج گذريل ڏينهن مارجي ويل 5 فوجين جي سڃاڻپ ظاهر ڪئي هئي، اسرائيل حماس جي اهم اڳواڻ حسن العطرش کي هوائي حملي ۾ مارڻ جي دعويٰ به ڪئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته حسن العطرش حماس کي هٿيارن جي فراهمي جو ذميوار هو ان دوران اسرائيل جي راڄڌاني تل ابيب ۾ هزارين ماڻهن نتنياهو حڪومت خلاف احتجاج ڪندي غزه ۾ فوري جنگ بندي ۽ حماس جي ٻرغمالين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو اسرائيلي ميڊيا موجب غزه ۾ جاري زميني ڪارروائين دوران 152 اسرائيلي فوجي مارجي ويا ۽ درجنين زخمي ٿي پيا آهن. جڏهن ته حماس جنگ دوران سوين اسرائيلي فوجي گاڏين کي تباهه ڪرڻ جي به دعويٰ ڪئي آهي. ٻئي طرف غزه ۾ اسرائيلي فورسز جي ڪارروائين دوران هن وقت تائين 20 هزار کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ۽ 52 هزار کان وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن.

بقايا 23 ***

خورشيد شاهه چيو ته اڄ اسان ڏسون ٿا ته اقتدار خاطر ماڻهو منهن ڦيرائي وڃن ٿا، جيڪي چوندا هئا ته مون کي ڇو ڪڍيو ۽ ووٽ کي عزت ڏيو ميڊيا ٻڌائي ته ڇا ووٽ کي عزت ملي رهي آهي؟ هن چيو ته جڏهن تحريڪ انصاف جو باني ٻاهر اچي ۽ اليڪشن ۾ حصو وٺندو ته ان کي رليف چيو ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ عدليه کي شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سينيئر سياستدان اعتراف ڪيو ته پيپلز پارٽي پنجاب صوبو وڃائي چڪي آهي هن چيو ته 15 سالن تائين مسلم ليگ سان ٻاهرن وانگر ڪم ڪيو ۽ چارٽر آف ڊيموڪريسي تحت سيني کي گڏ ڪيو خورشيد شاهه چيو ته هر پارٽي کي ليول پليئنگ فيلڊ ملڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اليڪشن جي اهڙي طريقي کي ڪير به قبول نه ڪندو ۽ غير شفاف چونڊون ٿيڻ سان پاڪستان جي رياست ۽ هرادارن کي نقصان ٿيندو.

بقايا 24 ***

مهانگيون ٿيون. هن سال تيل اڳهن تي ليوي ۾ في ليٽر 30 روپيا واڌ ڪئي وئي. هن وقت ڊيزل ۽ پيٽرول تي 60 روپيا في ليٽر ليوي لاڳو آهي. هن وقت پيٽرول تي في ليٽر ۾ ليوي، مارجن، ڊيوٽين ٽيڪس 97 روپيا 8 پيسا جڏهن ته ڊيزل جيڪي ليٽر اگهه ۾ ليوي، مارجن، ڊيوٽيز ۽ ٽيڪس جو حصو 97 روپيا 4 پيسا ٿئي ٿو

بقايا 25 ***

ويو آهي اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جو نالو پارٽي اڳواڻن جي فهرست مان خارج ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف جي قيادت ڪانسواءِ لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. پرويز خٽڪ جي پارٽي پي ٽي آءِ پارليامينٽيرينز کي به فهرست ۾ سياسي پارٽي طور شامل ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ جو باني مختلف ڪيسن ۾ ملوث هجڻ سبب اڊيالا جيل ۾ قيد آهي.

بقايا 26 ***

ملوث ميينا جوابدار فرار ٿي ويا. پوليس واقعي ۾ استعمال ٿيل گاڏي جا دستاويز هٿ ڪري ورتا آهن

بقايا 27 ***

ويو گذريل ڏينهن 1159 غير قانوني افغان شهري پنهنجي وطن واپس آيا، جن ۾ 287 مرد، 260 عورتون ۽ 612 ٻار شامل هئا. جنهن ڪانپوءِ گذريل ڏينهن تائين پاڪستان ڇڏي غير قانوني افغانين جو انگ 4 لک 46 هزار 97 ٿي ويو آهي.

بقايا 28 ***

ڪراچي ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 12 کان 14 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 28 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو ڪراچي ۾ هوائون 20 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اتر اولهه طرف کان گهلي رهيون آهن شهر ۾ ڏينهن دوران 20 کان 25 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلڻ جو امڪان آهي.

بقايا 29 ***

ملڪ جي ٻيٽ ۾ حيدرآباد ۾ يوريا جي ٻوري جو اگهه سڀ کان وڌيڪ آهي سرڪاري دستاويزن موجب حيدرآباد ۾ يوريا جي 50 ڪلو ٻوري جي قيمت ۾ 349 رپيا، سکر ۾ 300 رپيا، ڪوئيٽا ۾ 200 رپيا، ملتان ۾ 100 رپيا ۽ لاڙڪاڻي ۾ 50 ڪلوگرام جي ٻوري جو اگهه 60 رپيا وڌي ويو آهي دستاويزن موجب حيدرآباد ۾ 50 ڪلوگرام يوريا جي ٻوري جو اگهه سڀ کان وڌيڪ 5 هزار 899 رپيا، سکر ۾ 5 هزار 300، پشاور ۽ راولپنڊي ۾ 5 هزار، گوجرانوالا ۾ 4 هزار 800، ڪوئيٽا، لاڙڪاڻي ۾ 4 هزار 967 رپيا ٿي ويو لاهور ۾ 50 ڪلو يوريا جي ٿيلهي جو اگهه 3 هزار 800 ۽ ٻنون ۾ 3 هزار 700 رپيا آهي. سرڪاري دستاويز موجب ملڪ ۾ يوريا جي 50 ڪلو ٿيلهي جي سراسري قيمت 55 رپيا وڌي وئي آهي. گذريل هفتي دوران ۽ بعد ۾، سراسري اگهه 4 هزار 493 رپيا تائين وڌي ويو حڪومتي ذريعن موجب نگران حڪومت ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ 2 لک ميٽرڪ ٽن يوريا درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. انتظامي قدمن ۽ درآمدي يوريا جي فراهمي ڪانپوءِ اگهن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي.

بقايا 30 ***

جي اميدوارن تي تشدد ڪيو پيو وڃي. ڇا هي ليونگ پليئنگ فيلڊ آهي. هن وڌيڪ چيو ته تحريڪ انصاف جي اميدوارن جي گهرن تي چڙهايو ۽ پيچ ڊاهه ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته ڪين ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته اهي اليڪشن نه وڙهن. هن چيو ته سمورين سازشن باوجود پي ٽي آءِ مقابلو ڪندي.

بقايا 31 ***

ملڪ جي ٻيٽ ۾ حيدرآباد ۾ يوريا جي ٻوري جو اگهه سڀ کان وڌيڪ آهي. سرڪاري دستاويزن موجب حيدرآباد ۾ يوريا جي 50 ڪلو ٻوري جي قيمت ۾ 349 رپيا، سکر ۾ 300 رپيا، ڪوئيٽا ۾ 200 رپيا، ملتان ۾ 100 رپيا ۽ لاڙڪاڻي ۾ 50 ڪلوگرام جي ٻوري جو اگهه 60 رپيا وڌي ويو آهي. دستاويزن موجب حيدرآباد ۾ 50 ڪلوگرام يوريا جي ٻوري جو اگهه سڀ کان وڌيڪ 5 هزار 899 رپيا، سکر ۾ 5 هزار 300، پشاور ۽ راولپنڊي ۾ 5 هزار، گوجرانوالا ۾ 4 هزار 800، ڪوئيٽا، لاڙڪاڻي ۾ 4 هزار 967 رپيا ٿي ويو. لاهور ۾ 50 ڪلو يوريا جي ٿيلهي جو اگهه 3 هزار 800 ۽ ٻنون ۾ 3 هزار 700 رپيا آهي. سرڪاري دستاويز موجب ملڪ ۾ يوريا جي 50 ڪلو ٿيلهي جي سراسري قيمت 55 رپيا وڌي وئي آهي. گذريل هفتي دوران ۽ بعد ۾، سراسري اگهه 4 هزار 493 رپيا تائين وڌي ويو حڪومتي ذريعن موجب نگران حڪومت ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ 2 لک ميٽرڪ ٽن يوريا درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. انتظامي قدمن ۽ درآمدي يوريا جي فراهمي ڪانپوءِ اگهن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي.

بقايا 32 ***

تشدد ڪيو ويو تفصيل موجب ڊي آءِ جي سي آءِ اي ملڪ لياقت جي اڳوائي ۾ پوليس ڊاڪٽرز اسپتال تي ڇاپو هنيو جنهن دوران پوليس اهلڪارن اسپتال جي عملي کي يرغمال بڻائي ورتو ۽ ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف، مريضن ۽ سندن گهرڀاتين سان بدتميزي ڪئي، علاج لاءِ آيل ماڻهن کي به سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو بدمعاشي جي ڪري مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ڊي آءِ جي سي آءِ اي ملڪ لياقت جي موجودگي ۾ پوليس ”دنيا نيوز“ جي نمائندن تي تشدد ڪيو. واقعي جي ڪوريج ڪرڻ لاءِ آيل صحافين کي به تشدد جو نشانو بڻايو ويو صحافين کان ڪئميرائون ۽ موبائيل فون به کسي ويا، سي ٽي وي ڪيمرائن جي ڊي وي آر به ڦري ويا. قبضي ۾ ورتو ويو. چڪتاڻ واري صورتحال جي ڪري، علاج جو عمل ڊگهي عرصي تائين دير ٿي ويو ٻئي طرف مختلف صحافين، وڪيلن جي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي ”دنيا نيوز“ جي نمائندن تي سي آءِ اي پوليس جي تشدد جي سخت مذمت ڪئي آهي. وائيس چيئرمين پنجاب بار ڪائونسل چيو ته پوليس جي بدمعاشي سماج لاءِ خطرو آهي، آءِ جي پنجاب صحافين تي تشدد ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري. سول سوسائٽي جي صدر عبدالله ملڪ واقعي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽرز اسپتال تي پوليس جو حملو دهشتگردي جي برابر آهي، سي آءِ اي آفيسرن کي ان طريقي سان اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جو اختيار ناهي. نگران وڏي وزير واقعي جو فوري نوٽيس وٺي . لاهور هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر وڏي وزير کان صحافين ۽ ڊاڪٽرن تي تشدد واري واقعي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽرن ۽ صحافين سان بدتميزي ڪندڙ سي آءِ اي اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. واقعي ڪانپوءِ آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور به ڊاڪٽرز اسپتال پهچي ويا، ڊاڪٽر عثمان انور چيو آهي ته واقعي ۾ جيڪو به ذميوار هوندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 33 ***

ڪيو پيو وڃي. بلوچ ڌرڻي وارن جو چوڻ هو ته فاقي گادي واري هاءِ ڪورٽ مان ضمانت منظور ٿيڻ جي 24 ڪلاڪن بعد به بلوچ لانگ مارچ جي گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ناهي ڪيو ويو بلوچ لانگ مارچ جي اڳواڻ مهرنگ بلوچ آچر تي شام 6 وڳي لڳ ڀڳ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته اسانجا ساٿي راولپنڊي جي اڊيالا جيل ۽ اٽڪ جيل ٻاهران موجود آهن پر اسانجي ساٿين کي آزاد نه پيو ڪيو وڃي ۽ اسلام آباد پوليس ڪوڙا بيان جاري ڪري رهي آهي. هوڏانهن اسلام آباد پوليس جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جي هدايت تي جوڙيل ڪميٽي جي ڳالهين ۽ عدالتي حڪم مطابق ضمانت منظور ڪرڻ واري حڪم تي عمل ڪيو پيو وڃي. گرفتار ڪارڪن جي آزادي لاءِ هيلپ ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي، جنهن جي نگراني ڊي آءِ جي آپريشن ۽ ايس ايس پي آپريشن ڪري رهيا آهن. ڪارڪنن کي آزاد ڪيو پيو وڃي. مهرنگ بلوچ جو چوڻ آهي ته 290 گرفتار شاگردن مان 100 کان مٿي اهڙا آهن جيڪي لاپتا آهن ۽ انهن بابت ڪجهه به نٿو ٻڌايو وڃي.

بقايا 01 سنڌيار

سان ڪاميابي ماڻيندي . جتوئي پائرن جو جي يو آءِ ۾ شامل ٿيڻ غيرفطري آهي اتحاد گهڻو وقت نہ هلي سگهندو .بلوچ نياڻين سان اسلام آباد ۾ ٿيل تشدد جي مذمت ڪريان ٿو شبير علي بجاراڻي خانپور ب ب اڳوان شبير علي بجاراڻي اميدوار اين اي 192 نامزدگي فارم جمع ڪرڻ لاءِ ڪرمپور ڪان هڪ وڏي قافلي سان خانپور آر او آفيس پهتو آر او آفيس ۾ پ پ اڳوان مير شبيرعلي خان بجاراڻي اين اي 192 تي پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا ان موقعي تي آر او آفيس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اينڊز جنرل اليڪشن ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران ٿيون تڪ بنديون ڪيون آهن جنهن ۾ ڪشمور ڪنڌڪوٽ جا ڪجھ شهر ۽ علائقا ۽ ضلعي شڪارپور جا ڪجھ شهر ۽ علائقا گڏائي هڪ تڪ جوڙيو آهي جنهن تي آءِ ب پ جو ميدوار طور نامزدگي فارم جمع ڪرايا آهن منهنجي لاءِ هڪ تڪ پراڻو جڏهن تہ شڪارپور جو تڪ نئون آهي ب ب هميشہ عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا ماڻهو ب ب کي سپورٽ ڪن ٿا اميد آهي ڪامياب ٿي ب ب جي منشور تحت عوام جي خدمت ڪئي ويندي ۽ منهنجو ڀرپور اهو هوندو تہ ضلعي شڪارپور ۽ ڪنڌڪوٽ جي ماڻهن کي امن وارو ماحول ڏجي ڪيتري عرصي کان امن واري صورتحال بهتر ناهي ماڻهو بدامني سبب غير محفوظ بڻيل آهن اسان جو مقصد آهي تہ جي عوام کي بهتر ماحول ڏجي جي يو آءِ ۽ جتوئي پائرن جي سياست ماضي ۾ الڳ رهي آهي جي يو آءِ پنهنجي نظريي جي بنياد تي سياست ڪئي آهي ۽ جتوئي صاحب ٻہ سالن کان سياست ڪن پيا انهن جي طرز سياست مختلف آهي ۽ جتوئي پائرن جوجي يو آءِ ۾ وڃڻ غير فطرتي آهي انهن جو اتحاد گهڻي دير تائين نہ هلي سگهندو ماضي ۾ ٻہ ب ب مخالف اتحاد جڙيا آهن پر سڀ شيون توهان جي سامهون آهن جي ڊي اي نهي انهن سان مختلف سياسي مذهبي ۽ قوم پرست جماعتن جو هڪ گڏيل ب ب مخالف الائنس جڙيو جنهن کي عوام رد ڪري ب ب کي ڪامياب بڻايو هاڻي بہ سنڌ ۽ پاڪستان مان ب ب وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ب ب ڪو چيئرمين آصف علي زرداري ۽ نوجوان قيادت چيئرمين ب ب بلاول ڀٽو ۽ سينيئر قيادت ۾ عوامي خدمت تحت سٺو ڪن ڪري پٺي اسلام آباد ۾ بلوچ نياڻين ٻارن ۽ مردن تي رياست پاران تشدد جي مذمت ڪريان ٿو ۽ سنڌن سان همدري جو اظهار ڪيان ٿو حڪومت وقت کي ماضي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي بنگالين سان ظلم ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ بنگالي ملڪ کان عليحدگي اختيار ڪئي ۽ ملڪ ٽٽي ويو ۽ هاڻي بلوچستان جي بلوچن سان ظلم ٿي رهيو آهي جيڪو نہ ٿيڻ گهرجي ب ب اميدوار مير شبير علي خان بجاراڻي سان سردار محبوب علي خان بجاراڻي شيراز خان بجاراڻي زرياب بجاراڻي سنديپ ڪمار رئيس عبدالڪريم پيڙ عبدالقدير پيڙ سميت سوين ب ب اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا

بقايا 02 سنڌيار

[illegible] تي هتن چيو تہ پي ٽي آءِ جي نشان تي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو سنڌن مقصد ڪوڪلا نعرا هڻي عوام کي بيوقوف بڻائڻ ناهي بلڪي گذريل 15 سالن ۾ سنڌ تي قابض ٽولي پاران هارين، آبادگارن سميت تڪ جي عوام سان ڪيل هر طرح جي زيادتين جو ازالو ڪرڻ آهي [illegible] عبادت سمجهي عملي ڪم ڪنداسين.

بقايا 03 سنڌيار

215 [illegible] پي ايس 55 تي عوامي تحريڪ جي اوپايو جوڻيجو، ميمڻ برادري جي شريف ملواڻي ۽ ٻين نامزدگي فارم جمع ڪرايا منهنجو پيپلزپارٽي سان ڪوبہ تعلق ناهي ائون آزاد اميدوار طور چونڊ وڙهندس. محمد خان لنڊ

بقايا 04 سنڌيار

آهن. فٽ بال ۽ ڪرڪيٽ ڪانسوء ضلعي جي نيائين ۾ پڻ مختلف رانديون ڪيڏڻ جو شوق پيدا ٿي چڪو آهي جنهن ۾ بيڊمنٽن راند جو ٽيلنٽ پڻ اڀري سامهون آيو آهي انهي سلسلي ۾ سيد نزاڪت شاه، ايان خليل جي ڪوشش سان ضلعي ٺٽي جنهن مان 19 سالن لاءِ سڄي ضلعي مان چوڪرين تي ٻڌل بيڊمنٽن رانديگرن جي چونڊ لاءِ ٻن ڏينهن واري ٽرائل اسپورٽس ڪمپليڪس ٺٽي ۾ منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جي فائنل لاءِ بهترين رانديگرن جي چونڊ ڪئي ويندي، جنهن ۾ قومي ۽ بين الاقوامي بيڊمنٽن رانديگر مهمان طور شرڪت ڪندا.

بقايا 05 سنڌيار

۾ منعقد ٿيو تنظيمي ليڪچر ڏيندي صوبائي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو تہ اڄ جي دؤر ۾ اسان جي قائد ۽ رهبر فخر انسانيت سجڻ سائين اخوت، پائيچارو، اتحاد ۽ امن کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. فرقہ واريت ۽ قبائلي جهيڙا عدم برداشت جي بد ترين شڪل آهي پاڪستان ۾ عدم برداشت جو رجحان ملڪ جي سلامتي، بقاءِ ۽ ترقي جي لاءِ رڪاوٽ آهي اولياءِ ڪرام جي زندگي جو ڪو بہ لمحو شريعت ۽ سنت مصطفيٰ جي خلاف ناهي هوندو. ديني و دنياوي هر لحاظ سان اسلام امن ۽ سلامتي جو دين آهي اولياءَ هميشہ ماڻهن کي حقوق العباد ۽ حقوق الله جو طريقو سيکاريو آهي انسان ۾ بهترين انسان اهو آهي جيڪو ٻين ماڻهن جي ڪم اچي ۽ ٻين کي فائدو پهچائي، پنهنجي قائد و رهبر جي هدايتن ۽ دستور العمل جي مطابق ڪم ڪرڻ واري جماعت ترقي ۽ ڪاميابي رستي تي هلي ٿي صوبائي چونڊ ڪميٽي ۽ خلفاءِ ڪرام 2023 جي بادي برانچن جي عهديدارن جي مشاورت سان معاون صوبائي صدر خليفہ نياز احمد راجپر جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جي سال 2024 جي عهديدارن جو اعلان ڪيو جنهن مطابق ضلعي صدر خليفہ منير احمد عباسي، سينيئر نائب صدر عبدالرزاق ڪوسو، نائب صدر غلام عباس سٽيج، جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري آفتاب احمد برهماڻي، پريس سيڪريٽري حزب سوبر، فنانس سيڪريٽري عبدالغفار ملاح آڊيٽر عبدالاحد لغاري آفيس سيڪريٽري غلام الله لاشاري معاون صدر رياض احمد ڪلهوڙو معاون جنرل سيڪريٽري محمد فهيم ڪوڪر معاون پريس هوش محمد چنڊ ۽ معاون فنانس سيڪريٽري غلام رسول رگهيو چونڊيا ويا. اجلاس جي آخر ۾ وطن عزيز پاڪستان سڳوري سنڌ ۽ عالم انسانيت لاءِ خصوصي دعا پروفيسر خليفہ نعمت الله قريشي گهري.

بقايا 06 سنڌيار

۾ احتجاجي ريلي، ايڌي سينٽر کان مين رڪشا اسٽاپ تائين ڪڍي وئي، ريلي ۾ بلوچ نياڻين ، ٻارن ۽ مردن تي تشدد خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽر ماه رنگ بلوچ ۽ ٻين تي تشدد رياستي ناڪامي ۽ انساني حقن جي پيڇڪوئي آهي، جنهن جو نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا 07 سنڌيار

فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ،ٺٽي ضلع جي ساحلي علائقي جي قديمي علائقي ڀڳڻهاڙ ڪيٽي بندر پريس ڪلب ۾ عوامي شاعر عاجز قادر بخش سمون ' سان سنڌ ڪلچرل فورم ضلع ٺٽي طرفان رجايل رهاڻ واري تقريب کي مخاطب ٿيندي ڪيون. رهاڻ واري تقريب ۾ ويچار ونڊيندي صادق لاکو علي رضا وٽيجارو ڪيٽي بندر پريس ڪلب جي صدر محمد الياس سمون عاجز يامين ڪنڀر ،مسرور ملاح ،محرم علي پنهور،امير علي لاشاري ،يعقوب رازمگسهار خالد سمون محمد شريف جاڪرو ۽ ٻين چيو تہ اڄ جو وڏو الميو اهو آهي تہ هڪ طرف ڪوٽڙي' کان 1991 جي پاڻي ناه تحت پاڻي نہ ڏئي هتان جي زراعت ماهيگيري ،پاڻ ' سوڀارين جي صنعت سان گڏو گڏ فطرت جي سمورين نعمتن ' حسناڪين کي تباه ڪيو ويو آهي تہ ٻئي طرف منظم رٿابندي تحت مذهب جي آڙ ولي هتي ڌاري آبادڪاري' کي تحفظ ڏئي آباد ڪيو پيو وڃي هتي ترقي' جا آلاپ تہ آلاپيا وڃن پر هن سڄي ساحلي علائقي ۾ پرائمري' کان وٺي هاءِ اسڪولن تائين نہ ڪا تعليمي سهولت آهي نہ وري ڪو معيار ،هتي سوين هزارين اسڪولن جون عمارتون تباه حال آهن ،استاد مقرر ناهن عملو بہ ناهي هتن وڌيڪ چيو تہ هتان جا شاعر،فنڪار،لطيف جي شاگردن سميت سمورن فنون لطيفہ سان تعلق رکندڙ جي ثقافت ڪاتو ڪا بہ سار لهندڙ ناهي جنهن ڪري جتي جا ڪيترائي پلوڙ شاعر ،فنڪار،سرندي نواز ،مل پهلوان سگهڙ بيمارين ' ڪسمپرسي' واري حالت ۾ تڙپي تڙپي ساه ڏيو ڇڏين ٿا پر حڪومتي ادارن توڙي ثقافت ڪاتي جي عملدارن جي ڪن تي ڪا جون بہ ڪانہ ٿي چري.تقريب ۾ قومي ڪلاڪار محمد ايوب سهتو لطيف، شيخ اياز ،استاد بخاري ' ٻين جي شاعري ترنم ۾ ٻڌائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ، عاجز قادر بخش سمون سان رهاڻ واري تقريب ۾ ٻين کان علاوه ملو لاشاري ،شهباز علي جاڪرو ،لطيف صادق لاکو ،عبدالقدير پنهور ٻين شرڪت ڪئي ،پروگرام ۾ شريڪ سمورن ساجاه وندن گڏيل طور سنڌ حڪومت ۽ ثقافت ڪاتي کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ ساحلي پٽيءَ جي تڪڙن بنيادن تي هڪ هفتي جو ثقافتي ميلو لڳرائي هتان جي ساحلي' پٽيءَ جي بچيل فطرتي رنگن،حسناڪين،تباه ٿيندڙ بندرن ،گر ڪيل شهرن،هتي آباد ٿيندڙ ڌاري آبادڪاري ،سميت هتان شاعرن ،اديبن ڪلاڪارن ،سگهڙن جي فن کي سموري جڳ تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ ثقافت ڪاتو هتان جي عوامي فنڪار محمد ايوب سهتو جي هنگامي بنيادن تي مالي سهائتا ڪري تہ جيئن هي پنهنجي بيمار هڪ پٽ ' ڌي' جو علاج ڪرائي سگهي.

بقايا 08 سنڌيار

سان گڏو گڏ انهن جو مڪمل سماجي ۽ معاشي بائيڪاٽ ڪيو وڃي جيڪي ڪمپنيون اسرائيل جي ظلم ۾ سڌو ۽ اڻ سڌو ڪردار ادا [illegible]

بقايا 09 سنڌيار

[illegible] ڪنداسين. راجوڻي اتحاد جي حوالي سان سنڌس چوڻ هو تہ دوستن جا خدشا دور ڪيا وڃن. ياد رهي راجوڻي اتحاد جي عبدالغني بگهياڙ طرفان سڄي ضلعي جي ٽڪن تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا آهن.

بقايا 10 سنڌيار

